# مُقَدِّمَةُ الصَّلٰوةِ

عرف

# ابوالحسن جي سنڌي

مقدمو ۽ تحقيقي متن:

پروفيسر خديجه بلوچ



سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

# مُقَدِّمَةُ الصَّلواةِ

## يا

# ابوالحسن جي سنڌي

مقدمو ۽ تحقيقي متن:
خديجه بلوچ
پروفيسر، گورنمينٽ گرلز ڪاليج
حيدرآباد، سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد ، سنڌ
١٤١٤هه/ ١٩٩٣ع

محققہ جا حق ۽ واسطا قائم

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي تحقيقي ۽ اشاعتي پروگرام جي فروغ لاءِ
محققہ طرفان هي پهريون ڇاپو بنا معاوضي اداري جي حوالي ڪيو ويو.

ڇاپو: پهريون

سال: ١٤١٤هه/ ١٩٩٣ع

تعداد: هڪ هزار

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

 قيمت: ٥٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ- وي

حيدرآباد

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر٩٧٢،

گل شاه محلو، گاڏي کاتو

حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي فضلي سنز (پرائيويٽ) لميٽڊ ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

# عنوانن جي فهرست


مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مقدمو پروفيسر خديجہ بلوچ

ستون نمبر

## ڪتاب جو متن

مصنف طرفان ديباچو

نماز جي اهميت ۽ تاڪيد بابت بہ حديثون ١ -٢٦

نماز جي سکڻ جو تاڪيد ٢٧ - ٥٠

## باب پهريون: وضوءَ ۽ غسل جو

وضوءَ جا فرض ..... ..... ٥١ -٦٢

وضوءَ جون سنتون ..... ..... ٦٣ -٧٢

وضوءَ جا مستحب ..... ..... ٨٣ -٨٨

وضوءَ جون دعائون ..... ..... ٨٩ -١٧٦

وضوءَ جو ڀڃڻ جا سبب ..... ..... ١٧٧ -٢٣١

غسل جا فرض ..... ..... ٢٣٢ -٢٣٨

غسل جون سنتون ..... ..... ٢٣٩ -٢٤٦

تَيَمَّ جا فرض ..... ..... ٢٤٧ -٢٥٧

تيمم جو ڀڃڻ ..... ..... ٢٥٨ -٢٦٢

ميت جو غسل ..... ..... ٢٦٣ -٤٦٠

ميت کي ڪفن ڏيڪائڻ ..... ..... ٤٦١ -٥٥٦

ميت جي حفاظت، جنازي نماز ۽ فرض ..... ..... ۵۵۷ -۵۸۶

## باب پيو: نماز جو

نماز جا فرض ..... ..... ۵۸۷ -۶۷۴
نماز جا واجب ..... ..... ۶۷۱ -۷۱۴
سَهو جي سجدي جا سبب ..... ..... ۷۱۵ -۷۴۷
نماز جون سنتون ...... ..... ۷۴۸ -۸۳۳
مردن ۽ عورتن جي نماز جا مسئلا ..... ..... ۸۳۴ -۸۷۳
نماز جا مستحب ..... ..... ۸۷۴ -۸۸۲
مُقتدين جي نماز جا مسئلا ..... ..... ۸۸۳ -۹۲۰
نماز پڇڻ واربون حالتون ..... ..... ۹۲۱ -۱۲۱۶
مصنف طرفان كتاب جي پڇاڻي ..... ..... ۱۲۱۷ - ۱۲۵۵

# مهاڳ

سنڌي ٻوليءَ جو فروغ، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو هڪ بنيادي مقصد آهي جنهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تحقيقي مطالعي تي خاص توجهه ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ اهي آڳاٽا تحريري ذخيرا جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ دستاويزي حيثيت رکن ٿا تن کي تلاش ڪرڻ ۽ انهن جي متن کي اصلوڪي صورت ۾ شايع ڪرڻ کي ترجيح ڏني وئي آهي. اداري جي هلندڙ رٿا ۾ هيٺين آڳاٽن ۽ اهم تصنيفن جي اشاعت کي شامل ڪيو ويو آهي.

١. سنڌي ٻوليءَ جا اوڻيتاليهه اوائلي منظوميا. اهي منظوميا ١١ صدي هجري ۾ يا ان کان اڳ تصنيف ٿيا، ۽ ١٠٦٧ -١٠٦٩هه وارن سالن ۾ ڪاتب عزت بن سليمان اتاري گڏ ڪيا. لکت ۾ هيءَ سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ذخيرو آهي جيڪو هن وقت تائين دستياب ٿيو آهي.
٢. ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" جيڪو ٺٽي جي وڏي عالم ۽ استاد مين ابوالحسن ١١ – صدي هجري جي بالڪل آخر يا ١٢ صدي هجري جي شروع ڌاري تصنيف ڪيو.
٣. ڪتاب "مخدوم ضياء الدين جي سنڌي" جيڪو ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم ضياء الدين (١٠٩١ -١١٧١هه)، "ابوالحسن جي سنڌي" جي مقصدن کي وڌائيندي لکيو.

انهن مان آخري ڪتاب شايع ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي هيءُ ٻيو نمبر ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. پهرئين ڪتاب تي ڪم هلندڙ آهي ۽ سگهوئي شايع ٿيندو.

ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" جيتوڻيڪ گذريل صديءَ ۾ بمبئي مان ليٿو تي ڇپيو، ۽ ان کان پوءِ به ڇاپي هيٺ آيو، مگر ان جو صحيح متن موجود نه هو. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پروفيسر خديجه بلوچ جو شڪر گذار آهي جنهن علمي خدمت خاطر، بنا ڪنهن معاوضي جي، هن ڪتاب جو متن، جيڪو پاڻ وڏي محنت ۽ تحقيق سان تيار ڪيو اٿس، اشاعت لاءِ ڏنو آهي ۽ پڻ ان لاءِ هڪ جامع مقدمو لکيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

٢٦ - جولاءِ ١٩٩٣ع
حيدرآباد- سنڌ

# مقدمو

هن ڪتاب جو مصنف ٺٽي جو مشهو عالم ۽ استاد ميون اَبُوالحَسَن پٽ عبدالعزيز هو. هو ١١ صدي هجري ۾ سال ١٠٢٥هہ کان اڳ ڄائو ۽ ٻارهين صدي هجري جي اوائلي سالن ۾ وفات ڪيائين. ١٠٨٠ - ١١٠٠هہ وارن سالن ۾ هو جيئرو هو، ۽ هن هيءُ ڪتاب ١١ صدي هجري جي آخري سالن ۾ لکيو. ڪتاب جو اصل نالو ”مُقَدِّمَة الصلواة“ هو، پر جئن تہ ميين ابوالحسن رحہ هيء ڪتاب عربي يا فارسي بدران سنڌيءَ ۾ لکيو انهيءَ ڪري اهو ”ابوالحسن جي سنڌي“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

هيء ڪتاب مختصر ديباچي کان پوءِ، ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي ۽ هر ڀاڱي کي مصنف باب ڪري ڄاڻايو آهي. پهريون باب جسم جي پاڪائي لاءِ وضو ۽ غسل جي مسئلن بابت آهي، جنهن جي پويان ميت کي غسل ڏيڻ ۽ ڪفن ڍڪائڻ جو بيان پڻ شامل آهي. ٻيو باب صحيح طريقي سان نماز ادا ڪرڻ لاءِ نماز جي مسئلن کي سمجهڻ بابت آهي.

ٻنهي بابن هيٺ جن خاص موضوعن بابت سمجهاڻي ڏنل آهي تن جو تفيصل ”عنوانن جي فهرست“ هيٺ ڏسڻ گهرجي.ڪتاب ۾ جيڪي مسئلا بيان ڪيل آهن تن جي سمجهاڻي جو طريقو هڪ وڏي ڄاڻو استاد وارو آهي جيڪو ڄڻ شاگرد کي مخاطب ٿي ٿو چوي تہ: هي ڳالهيون هن طرح سمجهہ ۽ هي عمل هن طرح ڪر. هن مختصر ڪتاب کي، جنهن ۾ جملي ١٢٥٥ سٽون آهن، پڙهڻ سان وضو، غسل ۽ نماز جا سڀ مسئلا آساني سان سمجهہ ۾ اچي ٿا وڃن. ايتري قدر ديني تعليم لاءِ، هيءُ هڪ بنيادي درسي ڪتاب هو جيڪو اڍائي سوَن سالن (١٣٥٠ - ١١٠٠هہ) تائين ابتدائيءسطح تي سنڌ جي مڪتبن ۾ پڙهايو ويو.

مصنف جو مقصد هو هر مسئلي کي سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ. انهيءَ ڪري سڄي ڪتاب ۾ صاف سليس ٻولي ۽ نج سنڌي لفظ، فقرا ۽ جملا آندائين. پر اها نج سنڌي جيڪا مصنف جي وقت ۾ سنہ ١١٠٠ هجري ڌاري عام فهم هئي، تنهن جا ڪي لفظ ۽ فقرا هن وقت انوکا پيا لڳن. انهيءَ ڪري ڪتاب جي متن کان پوءِ، ضميمي طور اهڙن انوکن لفظن جي پٽي شامل ڪئي وئي آهي تہ جيئن پڙهندڙ لاءِ رهنمائي ٿي سگهي. ڪي لفظ اهڙا بہ آهن جن جون مُعنائون وڌيک غور طلب آهن.

مصنف ميين ابوالحسن رحہ پاڻ پنهنجي قلم سان هن ڪتاب جو جيڪو متن لکيو سو

موجود ناهي. مگر هن ڪتاب جو سنہ ١١١٥ هجري ۾ لکيل قلمي نسخو سلامت رهيو آهي جيڪو مصنف جي دور کي ويجهي ۾ ويجهو آهي. نہ فقط ايترو پر جيڪي بہ آڳاٽا لکيل سنڌي قلمي ڪتاب هن وقت تائين دستياب ٿيا آهن تن مان ١٠٦٧ -١٠٦٩ هجري وارن سالن ۾ اتاريل اٺيتاليهن منظومين کان پوءِ "ابوالحسن جي سنڌي" جو هي ١١١٥هہ ۾ لکيل نسخو ٻئي نمبر ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽو آهي. پر هي قلمي نسخو بہ يقيني طور ميين ابوالحسن رحہ جو پنهنجو هٿ لکيل ناهي، ڇاڪاڻ جو هن جي لکت ۾ ڪافي غلطيون آهن جن مان ظاهر آهي تہ ڪاتب ڪو ٻيو هو جيڪو ايڏو وڏو ڄاڻو نہ هو.

ميين ابوالحسن رحہ جو تصنيف ڪيل هيءُ ڪتاب علمي لحاظ سان ايڏو تہ اهم هو جو ڪائنس پوءِ سنڌ جي وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ هن جو تنقيدي مطالعو ڪيو، ۽ ڪن ڪن جاين تي اصلاح خاطر وڌيڪ وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهائين. ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب فارسيءَ ۾ "اِصلاحُ مُقَدِمَۃَ الصلواۃ" جي نالي سان هڪ جدا رسالو (ڪتابڙو) لکيو جيڪو موجود آهي. مخدوم محمد هاشم رحہ پنهنجي ڪيل اصلاح کي پوءِ جدا طور، ساڳئي ميين ابوالحسن جي نظم وانگر، سنڌي ۾ منظوم ڪيو ۽ پنهنجيون اهي منظوم سنڌي سٽون "ابوالحسن جي سنڌي" واري اصل متن ۾ مناسب جاين تي رکيون. مخدوم محمد هاشم رحہ وارين سٽن سميت "ابوالحسن جي سنڌي" جو اهو متن پوءِ وڌيڪ رائج ٿيو، جو ڏسجي ٿو تہ پوءِ جي لکيل قلمي نسخن توڙي بمبئي مان شايع ٿيل آڳاٽن ڇاپن ۾ مخدوم محمد هاشم رحہ واريون اضافو ڪيل سٽون شامل آهن. اهي جملي اوڻانوي سٽون آهن جيڪي هن متن ۾ [ ] اندر رکيون ويون آهن تہ جيئن آساني سان سڃاڻي سگهجن. سنہ ١١١٥هہ واري قلمي نسخي ۾ جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي ان ۾ مخدوم محمد هاشم رحہ واريون سٽون موجود نہ آهن جنهن مان تصديق ٿئي ٿي تہ اهو ميين ابوالحسن واري اصل يا ان جي نقل تان اتاريو ويو.

ميين ابوالحسن پنهنجي هٿ لکيل اصل ڪتاب ۾ جيڪا الف- بي ۽ صورتخطي استعمال ڪئي سا جيتوڻيڪ هوبهو اسان جي آڏو موجود ناهي، پر جيئن تہ سنہ ١١١٥هہ وارو دستياب ٿيل نسخو يقيني طور مصنف جي اصل هٿ لکيل يا ان جي نقل جو اتارو آهي انهيءَ ڪري ان ۾ استعمال ٿيل الف- بي ۽ صورتخطي گهڻي حد تائين ڄڻ ساڳي ميين ابوالحسن واري ڪري سمجهجي جنهن بابت هيٺيان نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

**الف- بي جي اکرن جون صورتون** سنہ ۱۱۱۵ھ واري قلمي نسخي ۾ عربي الف- بي وارا ٽيھ ٽي اکر ھينئين صورتن ۾ (ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ک ل م ن و ھ ء ي) لکيل آھن. کن نج سنڌي اچارن لاء ھينيان ڇھ حرف، عربي يا فارسي الف- بي وارين ساڳين صورتن ۾ آندل آھن، يعني تہ اھي نئين سر ناھيل ناھن:

| عربي فارسي صورتن وارا حرف | موجوده الف- بي ۾ اچارن وارا سنڌي حرف |
|---|---|
| ب | = ب، ٻ |
| پ | = پ |
| ج | = ڄ |
| ر | = ڙ |
| ک | = ک، گ، ڳ، ڱ |
| ك | = گ |
| ن | = ڻ |

ھينيان ٻارھن اکر باقي سنڌي اُچارن لاءِ نئين سر نَيَن صورتن ۾ آندل آھن:

| | |
|---|---|
| ڀ = ڀ | جھ = جھ |
| ٿ = ٿ | ڌ = ڌ |
| ٽ = ٽ، ٺ | ڏ = ڏ |
| ڃ = ڃ، ڄ | ڊ = ڊ، ڍ |
| ڄ = ڄ | |
| ڇ = ڇ | کھ = گھ |

کن جاين تي "ب" ۽ "پ" کي "ڀ" جي موجوده اچار لاءِ، "ٿ" کي موجوده "ٺ" جي اچار لاءِ، ۽ "ٽ" کي موجوده ٽ، ٺ يا ٿ جي اچارن لاءِ آندو ويو آھي. پر اھي غلطيون سنہ

١١١٥هہ واري دستخط جي ڪاتب جون ٽيون پانئجن.

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ خالص سنڌي اُچارن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مٿيان پارهن اکر پهريون پيرو ڪتاب ابوالحسن جي سنڌي جي ١١١٥هہ واري دستخط ۾ نظر اچن ٿا، ۽ جيستائين ڪنهن اڳئين ڪتاب ۾ اهي يا ڪي ٻيا اکر نئين صورتن ۾ نظر اچن تيستائين چئبو تہ اهي پهريون پيرو ميين ابوالحسن پنهنجي ڪتاب جي صورتخطي ۾ آندا (١). نئين سر جوڙيل انهن پارهن اکرن جي واڌاري سان، سنڌي لاءِ فقط عربي الف- بي جي استعمال بدران هڪ نئين عربي-سنڌي الف-بي جي استعمال جو رواج پڪو پختو ٿيو.

**لفظن جي اِملاءِ يا سِنَاءِ واريون صورتون** (٢). لفظن جي اِملاءِ، يعني هر لفظ ۾ سمايل اُچارن موجب انهن اُچارن وارن اکرن جي ٻيهڪ ۽ سِناءَ ڪي، زبرن زبرن پيشن جزمن ۽ شدن ذريعي پوري احتياط سان مگر نين نرالين صورتن ۾ نروار ڪيو ويو آهي:

■ لفظن جي وچ ۾ "ئَــ" يا "ئُــ" واري آواز ڪي "ؤَ" يا "ؤُ" جي صورت ۾ لکيو ويو آهي جئن تہ "ڏُؤاري" "پَرؤُسو".

وچٿري آواز "او" ڪي پيش سان "اُو" جي صورت ۾ لکيو ويو آهي جئن تہ "ڪُوسُو هُوءِ"، يعني تہ "ڪوسو هوءِ". عربي املاءِ ۾ اهڙو "پيش" ( جنهن ڪي "ضَمَہ مُشعَبَہ" چئجي ٿو)، روا آهي. ميين ابوالحسن واري وقت ۾ اجان انهي اچار لاءِ "اُبتي پيش" ( ــٗ ) جو رواج ڪونہ هو، اهو اُبتو پيش ڪانئس پوءِ ايجاد ٿيو. البت وچٿري آواز "اي" ڪي هينئان اُيي زير ذريعي (اي) نروار ڪيو ويو.

سنڌي لفظن ۾ پڻ "شد" ڪي استعمال ڪيو ويو آهي، جئن تہ سَتّ، اَٿّ، اُٺّ، سَچّ، اهو شايد انهيءَ لاءِ تہ جئن "زور واري ٻيهڪ" ظاهر ٿئي، خاص طرح انهن لفظن ۾ جيڪي سِٽن جي آخر ۾ قافيي طور آندل آهن. تہ جئن منظوم سٽن جي پڇاڙي واري حرف ڪي چِٽو ڪجي جئن تہ لِڪَنّ، جَنّ، ڏِجَنّ.

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پنهنجي وڏي تحقيقي ۽ عالمانہ ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" (ٽيون ايڊيشن ١٩٩٠ع) ۾ انهيءَ راءِ سان بجا طور تي اتفاق نہ ڪيو آهي تہ ڪو ميين ابوالحسن عربي ۽ فارسي اکرن مان پيچ گهڙ ڪري "سنڌي الف- بي" ٺاهي يا ڪا "خاص صورتخطي ٺاهي". البت ڊاڪٽر صاحب ائين بہ ڄاڻايو تہ اهو بہ صحيح ناهي تہ ڪو ميين ابوالحسن "نج سنڌي حرفن" لاءِ ڪي اهڙيون "خاص صورتون مقرر ڪيون" جيڪي اڳ ڪين هيون ۽ پوءِ استعمال ٿيڻ لڳيون (صفحو ٤٤٧). ڪانئن رهنمائي وٺندي معلوم ٿيو تہ پاڻ اصل ۾ "سيني نج سنڌي حرفن" لاءِ لکيو هئائون پر ڇاپي ۾ لفظ "سيني" رهجي ويو آهي.

(٢) هينيون تفصيل انهن سمجهاڻين مطابق آهي جيڪي ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان وقت بوقت مليون، جن لاءِ مان سندن شڪر گذار آهيان.

ڪن لفظن اندر "آ" واري اُچار ڪي "ۉ" جي صورت ۾ نروار ڪيو ويو آهي، جئن تہ "ڏۉري" (ڏُئاري).

اهڙيءَ طرح ندا توڙي تاڪيد واري صورت ۾، لفظن جي آخر ۾ "ہ" ڪي ٽيڪ ۽ چٽائي طور آندو ويو آهي، جئن تہ مومناہُ (اي مومنا) ساريجاہُ (تون/ اوهان سار ڪجو)، ڪَجاہُ، ياد (ڪجو)،سڪروہُ (اوهين سڪر) وغيره.

لفظن جي آخر ۾ "ن" جي غُنائي واري آواز (هِنْ، هِينْ) ڪي ميم ذريعي ظاهر ڪيو ويو آهي، جئن تہ:

جڏهم = جڏهين　　　سيڪهم = سيڪهين

تڏهم = تڏهين　　　تِهِم = تِهِين، تهڙي

يا وري تنوين ذريعي ادا ڪيو ويو آهي، جئن تہ "پنجًا" = پنجئون، پنجون

گهٽا اهڙا لفظ جيڪي هاٿي "ن" غُني جي اضافي سان اُچارجن تا، سي ١١١٥ھ واري دستخط جي ڪاتب "ن" ڪان سواءِ لکيا آهن، جنهن مان گمان ٿئي ٿو تہ ان وقت ڳالهائڻ ۾ "ن" غني جو اچار گهٽ هو. مثلا:

مَهد = مَهند　　　تِئا = تِئان

مُهجو = منهنجو　　　تِها = تِهان

تُهجو = تنهنجو　　　اُتا = اُتان

پَهجو = پنهنجو　　　مَتا = متان

پاهِجا = پانهنجا　　　پارا = پاران

جِہ = جِنهن　　　منجها = منجهان

تہ = تنهن　　　متا = متان

ڪا = ڪان

ڪن لفظن ۾، "ڱ" ۽ "ڃ" جي اُچار ڪي چِٽي ڪرڻ خاطر آڏو "ن" وڌايو ويو آهي، جئن تہ:

چَنگيت = چَڱِيتَ (چڱو تہ)

وَنجي = وڃي

پَنجي = پڃي

## "ابوالحسن جي سنڌي" ۾ ڪم آندل ٻولي

ميين ابوالحسن هيءَ ڪتاب ارادي طور سنڌيءَ ۾ تصنيف ڪيو ته جئن نماز جي مسئلن کي سڀ سولائيءَ سان سمجهي سگهن. سندس پنهنجن لفظن ۾، هُن

هي مسئلا نماز جا سارئا سنڌي واءِ
ته مانَ مومن تن کي سکي سهج منجهاءِ

هو عربيءَ جو وڏو عالم هو، پر جڏهن سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جو پَهُ ڪيائين ته ان کي نج سنڌيءَ ۾ لکيائين. اهو هڪ وڏو ڪارنامو هو، ۽ پوءِ ٻين عالمن پڻ اهڙيءَ طرح نج سنڌي ۾ ڪتاب تصنيف ڪيا.

ميين ابوالحسن جو "بيان" جو طريقو پڻ گهڻي، ساراه جوڳو آهي. هن فقهي مسئلا عربي ڪتابن مان ڪڍيا ۽ انهن کي پهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ سمجهايا. انهن کي سمجهائڻ لاءِ هڪ عام ترجمي ڪندڙ کي ڊگهي بيان جي ضرورت پوي ها. پر ميين ابوالحسن ترجمي طور سوچڻ واري واٽ ئي ڪانه ورتي. هن عربيءَ ۾ بيان ڪيل مسئلن کي جڻ پنهنجي فهم ۽ فڪر ۾ جذب ڪري، پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ ان زبان جي مزاج مطابق، پنهنجن لفظن ۽ اصطلاحن ۾ بيان ڪيو: نه فقط ايترو پر عوام جي سمجهه مطابق سولن ۽ ٿورڙن لفظن ۾ بيان ڪيو. تصنيف ۽ تاليف واري اوائلي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان کي اهڙيءَ طرح ٻيهارڻ جو ٿورڙيءَ عبارت مان گهڻو مطلب نڪري، ساچڻ هڪ وڏي قابليت هئي. هن وقت، ميين ابوالحسن جو اهو "اختصار ۽ تخفيف وارو بيان" ڪٿي ڪٿي اهڙو ڳتيل ۽ ڳوڙهو ٿو لڳي جو جڏهن ان کي ٻيٽو ڊگهو ڪبو تڏهن معنيٰ جي وڌيڪ وضاحت ٿيندي.

ميين ابوالحسن جي اسلوب بيان جي اينتري وضاحت بعد، هيٺ مختصر طور سندس بيان ۾ اختصار ۽ تخفيف جون صورتون ڏجن ٿيون*:

- ڪن "مخفف" لفظن جو استعمال جيڪي ان وقت جي ٻوليءَ ۾ عام رائج هئا. مثلاً:

| | |
|---|---|
| تي = تنهن ڪري، تنهن لائي | رکهُون = اسان کي رک (پري رک، بچاءِ) |
| جيڪي = يا ته | سِين (٩٢٧) = تائين، سوڌو |
| تا = تان جي | لائي (٩٢٧) = ڪان وِني |
| اَٿون= اٿئون، اسان کي آهي | |

- ضميري پڇاڙين جو استعمال جيڪو ان وقت جي ٻوليءَ ۾ عام هو:

---

نوٽ: مٿين مثالن ۾ ڏنل انگ سٽن جا آهن.

ضمير متڪلم

مُهوم (١٣٦) = منهنجو منهن

اُتمِ (١٥٥) = مون تي، منهنجي مٿان

ڪَمايامَ (١٧٣) = منهنجيون ڪمايون،

جيڪي مون ڪمايا

ڏَٿِيَمِ (١٦٦) = منهنجا ڏٿي

ضمير غائب واحد

سَجِداسِ (٦٦٦) = هن جا سجدا

وُضوئوسِ (١٩٧) = هن جو وضو

مَٿِسِ (٤٦٧) = هن جي مٿان

ٿِينِسِ (٩٠٧) = هن کي ٿين

نَمازاسِ (٩٥٢) = هن جي نماز

ضمير حاضر

اَنگوءِ= تنهنجو انگ، عضوو

سندوءِ = تنهنجو

سيٹاءِ = توسان

هوئِي (٣١٢) = توکي هجي

ڪجهِين = تون تاڪيد سان ڪجانءِ

ضمير غائب جمع

سيٹن = ساٹن

جدا بيٺل "جي" ۽ "جا" حرفن جي استعمال ڪان سواءِ اضافي ترڪيبون، جهڙوڪ:

ڪَڪَر ڏينه (٦٤٤) = ڪڪرن جو ڏينهن، جهڙ وارو ڏينهن

صِراطَ سيرَ = صراط وات

دِرپ خدا (٣٥٩) = خدا جو درپ

پِرِ اسلام (٦٥٧) = اسلام جي پر

جدا بيٺل جري حرفن ڪان سواءِ جري ترڪيبون، جئن تہ

ڳَربان مٿي (٦٢) = ڳربن ڪان مٿي

ناهيان هيٺ (٧٥٥)= نِهائين ڪان هيٺ

اختصار ۽ تخفيف واربن مٿين صورتن ڪان سواءِ ميين ابوالحسن جي بيان ۾ نٿي جي مقامي ٻوليءَ جي لهجي وارا توڙي ڪي ٻيا انوکا الفاظ استعمال ٿيل آهن جو

---

نوٽ: مٿين مثالن ۾ ڏنل انگ سٽن جا آهن.

اها سندس مادري ٻولي هئي مثلاً:

| | |
|---|---|
| اِنا (٦٩٠) = اِنهان، انهن کان | سيڻ = ساڻ |
| ٻِنِي (٦٧٨) = ٻنهي | جِهر = جنهن وير، جنهن وقت |
| تاپي (تان پي) = تہ پڻ | تِهر = تنهن وير، تنهن وقت |
| مِهسِ = منجهس | ٿوڪ = شيءِ |
| پَنرَه = پندرهن | پِرکا = پيرا |
| توءِ = تہ بہ | اُکَڻ = لنگهي وڃڻ |

ان وقت ٺٽي شهر جي لهجي مطابق ڪن لفظن جي پڇاڙي وارا حرف ساڪن (جزم سان) هئا جيئن تہ "مَرْ" (ٻِل تہ)، وَرْ (چڱو تہ)، ڪَرْ (جڻ تہ)، پِرْ، دِلْ وغيره.

آخر ۾ اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ ميين ابوالحسن هيءَ ڪتاب منظوم صورت ۾ تصنيف ڪيو تہ جئن پڙهندڙ ان کي ذوق سان پڙهي. هي منظوم تصنيف بيتن جي صورت ۾ آهي، ۽ ان ۾ بيتن جي سٽاء واريون اهي سڀئي صورتون گهٽو ڪري موجود آهن جيڪي ١٠٦٧ - ١٠٦٩ هجري ۾ اتاريل منظومين جي مجموعي ۾ آهن جن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ صاحب "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ" ۾ ڪيو آهي.

حيدرآباد- سنڌ

خديجہ بلوچ

# كِتَابُ مُقَدِّمَةُ الصَّلوٰةِ *

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلمَ: خَمْسُ صَلوٰةٍ اِفْتَرَضَهُنَّ اللّٰهُ تَعَاليٰ عَلَي الْعِبَادِ فَمَنْ صَلّٰهُنَّ لِوَقْتِهِن كَانَ لَهٗ عَلَي اللّٰهِ عَهْدٌ اَنْ يَّغْفِرَلَهٗ وَهُنَّ كَفَّارَاتٌ لِّمَا بَيْنَهُنَّ وَلَوْ اَنَّ نَهْرًا بِبَابِ اَحَدِكُمْ يَغْتَسِلُ فِيْهِ كُلَّ يَوْمٍ خَمْسَ مَرَّاةٍ هَلْ يَبْقيٰ مِنْ دَرِنِهٖ** شَيْءٌ- قَالُوا- "لَا" قَالَ فَكَذَالِكَ الصَّلوٰةُ الْخَمْسُ يَمْحُوا اللّٰهُ بِهِنَّ الْخَطَايَا وَ اِنَّ خَيْرَ اَعْمَالِكُمُ الصَّلوٰةُ.

تَرجُمو اِنَ حَديثَ جو مَنجهہ زِبانَ سِنڌِيَ

[١] چِيِوَ عَالَمَ كَارَٽِي آگَہ اُمَّتَ جِي

[٢] تہ پَنجَ نَمَازُونْ فَرْضُ كِيُون مَولِي مُومِنَنِ تِي

---

* كتاب هتان شروع ٿئي ٿو، قلمي نسخن ۾ هي عنوان ڏنل ناهي. البت ڇاپن ۾ اهڙو عنوان صفحي ٣٠ تي بي ڏنل حديث بعد ڏنل آهي.

** ق - من بكنه.

[٣] جيڪو پڙهندو اُنِ کي وَقْتَ مَنجهہ ساري

[٤] آهي تنہ جو ٻولُ رَبَّ تني تہ مرهي نهين کي

[٥] پِڻ آهين نَمازُون ڪَفّارَتُون ڪارَڻ گُناهَنِ

[٦] جيڪي گُناهَ ٻِنِ نَمازُنِ وِچَ ۾ سي اُنِ سين ٿا ڇٽَنِ

[٧] جي هوءِ ڪَهين شَخصَ کي آن مُؤمنن مَنْجهَا

[٨] گَٿِ وَهندَڙَ پاڻِي جي دائِمُ دَرَمَهْندا

[٩] جِنْهِ ۾ ڏِيهاڻِي وِهنجي وَرِئو پَنجَ ڀيرا

[١٠] تہ ڪَا هُندَ رَهي ميرائِي تنہ کي اَنگڙَنِ مَٿا.

[١١] تَانْ چَيو صَحابَنِ نَبيَّ کي يارَسُولَ الله

[١٢] ڪانہ رَهندِي اُنَ کي ميرائِي اَصْلا

[١٣] تَانْ چي اِهَڙوئِي حَالُ نَمَازِيَ جو جو پڙهي پَنجَنِ کا

[١٤] سَبَ چَٽَنْدِيُونْ اُنِ اُنا مَنَايُون مُورَا

[١٥] پُڻْ جيڪي آهِين عَمَلَ خَيْرَ جا صَحِّيُ سُونهارَا

---

١٤. ن. سَيَ، ق. سَبِ.

[١٦] نـٔوڙي حـَجُّ، ڪِ صـَدَقوٗ، ڪ زَڪَوانُـونْ روزا

[١٧] ڪِ جِهَادُ ڪَافِرَن سِينْ، ڪِ اُضْحِيُون فِطْرَا

[١٨] ڪِ ڏِئَڻُ بُکئَن اُڃئَنِ جو، ڪِ ڏِڪَڻُ اُگهاڙَا

[١٩] ڪِ تِلاَوَتَ قُرآنَ جـي، ڪِ تَسْبـيحُونْ ذِڪْـرَا

[٢٠] ڪِ کُوهَ کَٽَاڻُ، مِهْتِبِونْ اَڏاڻُ، ڪ کي عَمَلَ بِئَا

[٢١] تہ گهٽُو پِلِي تـَنِ سَـيَنِ کَنَا آهـِي نـَمَازا

صَدَقَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قَالَ عَلَيْهِ الصَّلواةُ وَالسَّلاَمُ: اَلصَّلواةُ شَجَرَةٌ ثَمَرُهَا ثَلاَثَةٌ اَوَّلُهَا عِتْقٌ مِنَ النِّيرانِ وَالثَّانِيْ دُخُوْلُ الجِنَانِ وَالثَّالِثُ رُوِيَةُ الرَّحْمٰنِ.*

[هِي تَرجُمُو هِن مَتِّينءَ حَدِيثَ جو.]

---

١٨. ن= ڏِئَڻُ، ق= ڏِرَئَڻُ. ٢١. ن ق. سَيَنِ* ن ۾ متن جو هيءُ حصو پڻ ڦاٽڻ سببان پوءِ لکي شامل ڪيل آهي. ان ۾ پوئين ڪاتب، هن بعد هي الفاظ فارسي ۾ لکيا آهن: "ترجمه اين حديث بزبان سندي." ٿي سگهي ٿو تہ اهي لفظ اصل متن ۾ بہ هجن.

[٢٢] چَيو عَالَمَ ڪَارَڻِيَ آڳَهَ اُمّتَ جي

[٢٣] تَہ نَمَازَ آهي وَڻَ جيئنءَ ڦَرَ تنهه جا ٿِري

[٢٤] ڦِهرو ڇُٽَڻُ ڇيڙي ڪَنَا ٻِئو ڦِهَڻُ جَنّتَ مِي

[٢٥] ٽِرئو پَسَڻُ لِقَاءُ رَبَّ جو جِنه کي جَڳُ سِڪي

[٢٦] جَا سَڳورِي اِهڙِي سَا ڪوهُ نہ ڪوڙ ڪِجي.

صَدَقَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ

[٢٧] سَارَاهِجي سو ڏَٽي سَندو جِنه فَرْمَانُ

[٢٨] مَجِئو مِڙني مُومِنين آنْدائُون ايمَانُ

[٢٩] تنه سَارَاهي سيڪو مَنْجهه پَٽَانْدَر پَاڻَ

[٣٠] مَاڙهُو، مرُوْ، پَکَڻُ، پَرِيْ، مَلَڪَ مِت سُجَاڻَ

[٣١] جيڪينْ آهي جِت ڪينْ ڳُجهو ۽ پَڌَرو

[٣٢] سو سَپُ سَارَاهي رَبَّ کي پَاڻَ پَٽَانْدرِ ٿو

---

٢٢. بمبئي ڇاپي سنہ ١٣٠٢ هہ ۾ ۽ پوءِ ٻين ڇاپن ۾: "آڳَهَ اُمّتَ جي اَجهي."

٢٣. ن. جِيئَ، ق. جِيءَ. ٣٢. ن. سَپُ، ق. سَپِ.

[٣٣] رَحْمَتَ تنْهِ رَحْمٰنَ جي مَٿي مُحَمَّدَ هوۡءِ

[٣٤] ٻَانهو ٻِنهِينْ عَالَمِينْ جِهوۡ جنْهِ نہ ڪوۡ

[٣٥] ۽ پُڻْ اُنِي آلَ تنْه اَصْحَابَ اَجْمَعِينَ

[٣٦] سَعِي جنِ شِيرَنِ جي پِير پُڄِنوۡ ڏينُ

[٣٧] هَاٺِي سُڻُ سُڄَاڻَ تُون هيِينْ جي ڪَننِ

[٣٨] تہ صَحِيُ پُڄُبوۡ سَپُڪوۡ ڪَارَڻ پَاڻَ ڪَمَنِ

[٣٩] ٻَرَ ٻُڄُ ٻِهْرِينْ قِيامَ ڏِينْه وَحْدَتَ ڏَٺِيا پوۡءِ

[٤٠] پُڻْ ڪوۡنهِي اِخْتلَافُ اِنَ ۾ عَالَمَنِ سَندوۡ

[٤١] تہ ٿِيندِي صَحِيُ صَلواةَ جِي، شَڪُ مَ ٻَائِي ڪوۡءِ

[٤٢] تَان تہ تَرسِي تنْهِ جا شَرَطَ سَپِيئي سڪُ

[٤٣] ڪَنَا جِيرِي جِيِين پَاڻُ پَراهُون رَڳُ

---

٣٤. اصل= ٻانُو ٻِنِي. ٣٦. **ق**. سَعْيُ. دِينَ (نون جي زبر سان) اصل ائين. ٣٧. **ن** ۾ ڻ ۽ سڄاڻ جي "ڻ" تي جزم ڏنل. ٣٧ -٣٨. "**ن**" ۾ "ڪنن" ۽ "ڪَمَن" جي نُون تي شد ڪانهي. ٣٨: **ق**. پُڄِبو. ٣٩. **ن**. ٻُڄَ، **ق**. ٻُڄُ. **ن ق**. ٻِهرِي، **ن ق**. ڏِيهِ.
٤١. **ن**. جِي، **ق**. جِيْ.

[۴۴] شَرْطَ سُجَاڻِي يَادِ ڪَرِ جِي نَمَازُنِ جَا

[۴۵] جِنِ رِي سِڪِيِي شَرَطِينْ نَمَازَ نَه رِهَاءِ ڪَا

[۴۶] جِيڪَا نَمَازَ اَڳَ ٿِي سِڪِيِي شَرَطَنِ رِي

[۴۷] سَا سَيِبيئِي ڀِهَارَ ڪَرِ، ڏَٿِي جَوْ ڏِرْپُ ڪَرِي

[۴۷/۱] [آهي اِحْتِيَاطُ اِنَ ۾ مَنجهه ڪِتَابَ لِکِي

[۴۷/۲] پُڻْ ٻِي رِوَايَتَ ۾ ڪِتَابَن لِکِئوْ

[۴۷/۳] نَه سِگَهَڻَ ڏَارَا شَرطَنِ جِي نَمَازَ دُرُسْتُ هوْءِ

[۴۷/۴] مَگَرَ نَه سِگَهَڻَ ۾ اُنَ جِي آهي گُنَاهُ وَڏو.]

[۴۸] پَرَ ڪَوْنه اختلاَفُ اِنَ ۾ عَالمَن سَندوْ

[۴۹] جِيڪِين فَرْضُ نَمَازَ ۾ سِگَهَڻُ پُڻ فَرضُ سوْ

[۵۰] وَاجِبُ سِگَهَڻُ وَاجِبِينْ سُنَّتَ سُنَّتنِ جَوْ

[بَيَانُ وُضُوءَ جِي فَرضَنِ جو*]

---

۴۷/۱ کان ۴۷/۴ تائين مخدوم محمّد هاشم رحه جون اصلاح طور وڌايل سٽون. * هيءَ عنوان قلمي نسخن (ن ق) ۾ ڪونهي، پر بمبئي ڇاپي (۱۳۲۷هه) ۾ ڏنل آهي ۽ هت پڻ سهوليت خاطر رکيو ويو آهي. اهڙي طرح اڳتي ٻيا عنوان پڻ ڏنا ويا آهن.

[٥١] هَاڻي پَڙهه وُضُوءَ جا فَــرضَ چوڪَائِي چَار
[٥٢] پَڙهي پَرُوڙِي پَار تــون سَڀِ سُونهَارِيَ ڪَار
[٥٣] تہ طَاعَتَ تـوَ قَبُــولُ ٿِئي خَالـِقَ جِيءَ دَربَار
[٥٤] "اَلوُضُوءُ مِفتَاحُ الصَّلـواة" سَارِي ڪَرِ سَنـيَار
[٥٥] وُضُو ڪُنجِي نَمازَ جِي، ۽ نَمَازَ بِهشتَ هـوءِ
[٥٦] سَيِّدَ سَرْوَرَ اَنبِيَاءَ نَبِيَّ فَـرمَـايــو
[٥٧] مُنْهُ، بِانْهُون، سِرَ- مَسَحُو، ڏُوئَڻُ پيِر بَئِي
[٥٨] چِتَڙِي ڏاڙِهي سَڀَ پُسَائَڻُ، ڳهاٽِيَ مَٿان ٿِي
[٥٩] تـاٿـيِي حَدُون تَنِ جِيُون سـڪِي سِي سُجاڻُ
[٦٠] مُــنْــهُ مِڙُوئِي ڏُوءُ تُـون بِـانْـهُـون اِرِڪـِنِ سَاڻُ
[٦١] مَـٿي مَنجهَا چوُٿُون پَاڱُو مَڪَڻُ فَرضُ ڳَڻِيج
[٦٢] پِـيرَ بَئِي ڳِرِيَان مَـٿي ڌوُئِي پَاڪُ ڪَرِيــج

٥٢. ن. سـوهـاريَ. ٥٣. ن. جِيءَ (ائين). ٥٤. عـربـي عـبـارت جي مـعـنـيٰ: وضوءَ ڪُنجي نـماز جي آهي.٥٩. اصل. تاپي= تہ پڻ. ٦٢. اصل. ڳريا.

## [بيان وضوء جي سُنَّتَن جو]

[٦٣] وَاجِبُ ناهه وُضُوءَ ۾، پَرَ سُنُّ جي سُنَّتُون

[٦٤] جَنِي پَڙهِي پَارِيُون تَنِي جَنَّتُون

[٦٥] پِهرَا ڌُوئَڻُ هَٿَ ٻَئِي ڪَرَ ڪَرَائِڻْ ٻَندَ

[٦٦] ٻِئُوْ نَالو وَنَڻُ ڏِنِّي جو، ٽِرئُوْ ڏَندَڻُ ڏِيَڻُ ڏَندَ

[٦٧] چوْٿُوْن چوْرَڻُ وَاتَ کي پَرَ پَاڻِي پِرئُوْ

[٦٨] پَنجُون پَاڻِي نَکَ ڏِي، ڇَهُون ڌُوْ تِکُوْ

[٦٩] سَتُون سَيِّکَهِڻْ اَنگڙِي ڌُوْئَڻُ ٽِرِي پِيرا

[٧٠] اَٺُون آگُرِيَنِ کِي سَارِي سَوْءِ وِچَا

[٧١] نَائُوْن مَکَڻُ کَنَ ٻِئِي، ڏَهِڻْ ڏَاڙهِيَ سَارَ

[٧٢] سو سَيُوْئِي مُسْتَحَبُ جيکِين اِنهَان ڌَارَ

## [بيان وضوء جي مستحبن جو]

[٧٣] نَائِين پَڙهُ وُضُوءَ جَامُؤمِنَ مُسْتَحَبّ

---

٦٨. **ن.** پَنجا. ٧١. **ق.** نوءُ. **ن ق.** کَنَ. ٧٢. ن. مُستحَبُ. ٧٣. ن ق. مُستحبَ.

[۷۴] نَہ اُنہِي تنؤ اؤتَ ٿيِي رَحمَتَ سَندي رَبَّ

[۷۵] مُستَحَبَ جي وُضُوءَ جَا، سِي پُڻْ سَتَ ٿِئَا

[۷۶] هيڪُ نِيَتَ ڪَرَڻُ وُضوءَ جِي، ٻِئُو جوُتَڻُ جيٽِيئَا

[۷۷] ٽِريْ تَرتِيبَ وُضُوءَ جِي، چوٿُون هَرِئَا پوءِ هَرِئوُ

[۷۸] ڏُوئَڻُ سَيَڪَهِينْ آنگُرِي جيڪو وُضُوءَ جوُ

[۷۹] پَنجَئُون مَتئوُ مَڪِ تُون سَرسِينْ سَپوئِي

[۸۰] ڇَهُون ڪَدِج ڪَنْڌَ کي هَٿَ هَرِئَا اؤهِي

[۸۱] سَرِ اوبَارِي آبَ سِينْ ڪَجِي مَڪَ ڪَنَنِ

[۸۲] اؤهِي هَرِبُون آڱُرِبُون ڦِيري ڪَنڌَ ڏَجَنِ

[۸۳] سَتُون سَارِ وُضُوءَ جِيُون دِلِ سِينْ دُعَائُون

[۸۴] نَہ مَوْلؤ مَرِهِي مُون ڏِٽِي خَالِقُ خَطَائُون

---

۷۵. ن ق. مُستَحَبَ. ۷۹. ن ق. سَرَسِين، ب-۲ سَرِسِين. ۸۰. ن. اوهِي، ق. اوئِي. ۸۱. ن ب-۲. سَرِ، ق. سَرْ، ن ق. پنهي ۾ ڪَنَنِ جي آخري نُون تي شد. ۸۲. ن. ڪنڌِ. ۸۳. ن ق. دِلِ.

[٨٥] پَرَ چَيوُ اَصَحُ عَالمِين تہ مُستَحَبَّ بہ هِي

[٨٦] هيڪُ جوُنَڻُ ڪَنَا جِيڏَي، ٻِئوُ مَسْحُ ڪَنڌَ ڪِجي

[٨٧] ٽِرِئُون پَڙهڻُ دُعائُنِ جو پُڻْ مُستَحَبُ لِکِي

[٨٨] ٻِئَا چَارِ تئُولَ سُنّتَ چَئِبَا صَحِيُ قَولَ ڪَرِي.

[بيان وضوءَ جي دُعائن جو]

[٨٩] تَاٿِپي دُعائُون وُضُوءَ جيُون پَڙهہ پَرُوڙِي سڀِ

[٩٠] جَنِي پَڙهِي پَارِبُون تَنِي رَبُ تُسي

[٩١] پِهرائِينْ شَهَادَتَ ڪَلمُو، تهَان پوُءِ پَڙهہ دُعَا

[٩٢] تہ سَندا سَپِنِي آنگَڙينْ مَرهِي ڏوُهہ خُدَا

[٩٣] دُعَائُون وُضُوءَ جِيُون مِڙئِي مَعنيٰ سَاڻُ

[٩٤] اُنـي سَيَڪَهينْ آنگَڙِي پَڙهہ پَرُوڙِي پَاڻُ

---

٨٥. "بہ هي"، يعني مڪيہ بہ آهن جيڪي ٻيءَ سٽ ۾ ڄاڻايل. ان ڪان پوءِ، "پڻ" جو لفظ آڻي ٽرئو اضافي مستحب ڪري ڄاڻايو اٿس. ٨٨. صَحِيُ قولُ ڪري= صحيح قول جي سببان. ٩١. ق. پِهرِ ڪَلِمُون. ٩٣. ق. ساڻُ، ن. ساڻِ. ٩٤. ن. پاڻَ. ق. پـاڻِ.

[٩٥] پَڙهُ پِهرِينْ پَرُوجَهہ سِينْ اُتِيْ هِيَ دُعَا

[٩٦] جَڏِنه جَاڳَائِي ڏَٽِي سُتَوْ نِندَرَ مَنجهَا

"اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَحْيَانَا بَعْدَ

مَا اَمَاتِنَا وَاِلَيهِ النُّشُوْرُ"

[٩٧] سَارَاهِيَان سَوْ ڏَٽِي جِنه مُون کِي جِيَارِئُوْ

[٩٨] پُڄاڻَا وَقتَ تِنه جِنه ۾ مُون کِي اُنَ مَارِئُوْ

[٩٩] آهِي مَوْتَڻُ مُنهِجو آخَرِ اُنَهِينْ ڏَانَهَ

[١٠٠] اُوْ مِهرِبَانُ مِڙَنَا گَهَٽُوْ عَالِمَنِ الٰلهُ

[١٠١] تَاپِپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٠٢] جَڏِنه وِهَينْ وَتَ اُتِي اڳِي اُگهَاڙَا

"اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الرِّجْسِ النَّجْسِ

---

٩٦. ن ق. ننڊر. ٩٨. ن. جِهمي، ق. جهمِ. ٩٧ -٩٩. اهي ٽيئي سٽون مٿين دعا جون سنڌيءَ ۾ معنائون آهن. ١٠٠. ن ق. ٻنهي ۾ "عالمن" جي نون مٿان شد. ق. اللہُ. ١٠١. ن. وضـوءَ جي.١٠٢. ق. اگهاڙاءُ. اڳِي اگهاڙا=اگهاڙان اڳي، اوگهڙ واري حالت کان اڳ.

اَلخَبِيْثِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ"

[١٠٣] رَکَ گُهران رَحمٰنُ جِيْ، پَلِيتَ تنه کنَا
[١٠٤] جوُ پَلِيتُ پَلِيتِيَ گهٹوُ مَنَوُ مَنَئَا
[١٠٥] کَرِي اَهتُروُ آدَمِي،وِجهِي وَهْمَ مَنَا
[١٠٦] کنَا شَيطَانَ شُومَنِيءَ تَرِّئوُ جوُ نوُڙَا
[١٠٧] تَاثِيِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١٠٨] جَڏِنه وَتَا وِرُوُ تِپِين، ڊَارِي لَگُ ڊِکِيَاءِ

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الَّذِيْ اَخْرَجَ عَنِّيْ
مَا يُؤْذِيْنِيْ وَاَمْسَکَ فِيْمَا يَنْفَعُنِيْ

[١٠٩] حَمْدُ تنه حَکِيمُ کِي، جنه مُون کان کَڍِئوُ سوُ
[١١٠] جِنه مُنهِجِي جِيَ کِي اَندَرِ اَهُکُ کِئوُ

---

١٠٣ - ١٠٦. اهي چارئي ستون متين دعا جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ جون آهن.
١٠٥. ق. أهتَرو. ١٠٩ - ١١٢. اهي چارئي ستون متين دعا جي معنيٰ جون آهن. ١١٠. ن. اَهْکُ، ق. أهْکُ.

[١١١] ۽ جَهلَ ڪيائين تنه کي مُون ۾ جنه مَنجهَا

[١١٢] آهي نَفعؤ مُنهِجو چُٽُسِ اَهُڪَايَا

[١١٣] تَاٿِيِي پَڙهُ وُضُوءِ جِي نيَّتَ آ ڳَاتري اِنَا

"بِسْمِ اللهِ الْعَظِيْمِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلىٰ

دِيْنِ الْاِسْلاَمِ اَلْاِسْلاَمُ حَقٌّ وَالْكُفْرُ

بَاطِلٌ اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْنَا عَلىٰ الْاِسْلاَمِ."

[١١٤] اِسْمَ سِين عَظِيمَ جِي كَرِيَان وُضُوءَ كَارِ

[١١٥] ۽ آهي حَمْدُ اللهُ کي اُتي دِينَ اِسْلامُ دَارَ

[١١٦] آهي اِسلاَمُ حَقَّ ئِي، ۽ كُفِرُ كَافِرُ كُوڙُ

[١١٧] سَائِين ثابتُ رَكَهُون اِسَلامَ اُتي،مَجيئُوسُون رَسُولُ

[١١٨] تَاٿِيِي پَڙُهه وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١١٩] جَڏِنه ڏِندَڙُ ڏِيِين ڏِندَنِ کي جو سُنّتَ مُصطَفيٰ

---

١١٣. آڳَاتري انا= آڳَاتري انها= ان کان اڳ جي. ١١٤ - ١١٧. اهي چارئي ستون مٿين دعا جي معنيٰ جون آهن. ١١٦. ن. حَقٌّ ئِيُ. ١١٧. ق. رکَهُمِ.

"اَللّٰهُمَّ اَجْعَلْ تَشْوِيْكِي هٰذا تَمْحِيْصًا لِذُنُوْبِيْ وَابْتِغَاءَ لِمَرضَاتٍ لَکَ يَاسَيِّدِي وَمَوْلاَئِي وَبَيِّضْ وَجْهِيْ كَمَاتُبَيِّضُ بِهٖ اَسْنَانِي."

[١٢٠] ڏاتَارَ ڏَنْدَڻُ مُنهِجو قَادِرَ ڪَرِ تهؤ
[١٢١] جو طَلَبَ رَضَا تُنهِجيءَ ڪجي، وَجَنِ ڏوْهَ لَهيؤ
[١٢٢] ۾ مُنْهَ مُنهِجو مُون ڏَٽي اَچؤئي اُجَارِ
[١٢٣] جيئَن اَچَا ڪِيَئي ڏَندَ مُنهجَا ڏَندَڻَ سين ڏاتار
[١٢۴] تا ثيي پڙهُ وُضُوءَ جي دِلِ سين هيَ دُعَا
[١٢٥] جَڏَنه نون وَاتُ ڌُوئين ڪَارَڻ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اَعنّي عَلَيٰ تِلاَوَةِ الْقُرآنِ وَكَثْرَةِ ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِک."

[١٢٦] يَارَبّ يَارِي ڏِي مُون اُتي تِلاَوَتَ قُرآنَ

---

١٢٣. ن. ڏَندُڻَ.

[۱۲۷] ذِڪرُ زِيادَه پَانهجِي ۽ عِبادَتَ شُڪُران
[۱۲۸] تَاٿِپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[۱۲۹] جَذِنه تُون نَڪُ ڌُوئِين ڪَارَڻ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اَرِحْنِيْ مِنْ رَائِحَةِ الْجَنَّةِ
وَاَرْزُقْنِيْ نَعِيْمَ اَهْلِ الْجَنَّةِ."

[۱۳۰] مَوليٰ مُون سنگهائِين ڪَنَا بِهِشتَ بُوءِ
[۱۳۱] ۽ نَصِيبُ ڪَرِهِيمِ نِعمَتُون سَنديُون جَنَّتَ جُوءِ
[۱۳۲] تَاٿِپِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[۱۳۳] جَذِنه تُون مُنهُ ڌُوئِين، جو پهرو فَرضَنئَا

"اَللّٰهُمَّ بَيِّضْ وَجْهِيْ بِنُوْرِ مَعْرِفَتِكَ
يَومَ تُبَيِّضُ وُجُوهَ اَولِيَائِكَ وَاَنبِيَائِكَ
وَلَاتُسَوِّد وَجْهِيْ يَوْمَ تُسَوِّدُ وُجُوْهَ اَعدَائِكَ."

[۱۳۴] يَا رَبَّ روشَنُ مُون ڪَرِين مُنهُ مَعرِفَتَ نُورَ

---

۱۳۱. ن. ڪَرِهيمِ= ڪَرِهِين. ق. ڪَرِهِم ۱۳۴. ق. معرفهِ نورُ. ۱۳۴ = ۱۳۷. چار سٽون متين دعا جي معنيٰ جون.

[۱۳۵] جَڏنه اَچَا تيـــنداَ اولـيَا ۽ مُرسلاَن مُنــهُ مـُورَ

[۱۳۶] كَرِيمَ كَارؤ مَ كَـرِبن مَولـيٰ تـت مُهـؤمِ

[۱۳۷] جت كَارَا تيـنداَ كَافرِيـــن مَحشرَ ڏينه مَجئـؤمِ

[۱۳۸] تَاٿِـپِي پڙهُ وُضُوءَ جِي دِلِ سين هِيَ دُعَا

[۱۳۹] جَڏنه ڏاڙهي سـؤئـيـين كَارڻ رَبَّ رَضَا

"سُبْحَانَ الَّذِي زَيَّنَ الرِّجَالَ بِاللُّحيٰ

وَالنِّسَاءِ بِالزَّوَائِبِ اَللّٰهُمَّ هَوِّنْ

عَلَيْنَا سَــكْرَاتِ الْمَوْتِ."

[۱۴۰] پاكِي كَرِبَان پَاتشَاهَ سَبَاجهِي سَتَّارَ

[۱۴۱] جنه مُڙسَ سنگارئَا ڏاڙهيون ۽ جوَئين مـينديا موچَارَ

[۱۴۲] اِلاَهِي آسَانُ كَرِ آسَان اُتِي مَوليٰ مَوتَ وِيرَ

---

۱۳۵. ن. مُرسلان مُنه مُورَ، ق. مُرسَلَ مُنه مُورَ. ۱۴۰. پاكي كرڻ= پاكائي واري تعريف كرڻ، پاكائي سان نالو وٺڻ، ثنا كرڻ، حمد كرڻ. ۱۴۱. ق. جو ۽ منـدا موچار. (ن. لفظ ميسارجي وبل آهن.) ۱۴۲. ن. آسان كَر، ق. آسان كرِ. آسان كر= آسان كرين. ۱۴۰ - ۱۴۳. چار ستون مٿين دعا جي معنيٰ جون.

[۱۴۳] جڏهن دَر- مانڊي دلِ ٿِئي ۽ اکين اُبتا ڦيرَ

[۱۴۴] تَاٻِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دلِ سين هِيَ دُعَا

[۱۴۵] جَڏِنه جيَڄِي ٻَانهَ ڏوُئِين ڪَارَڻِ رَبّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اَعْطِنِي كِتَابِي بِيَمِيْنِيْ
وَحَاسِبنِيْ حِسَابًا يَّسِيْرًا."

[۱۴۶] ڪَرِيمَ ڪَاغَذُ ڏِيجُ مُون جيَڄِي هَٿِ جَبَّارَ

[۱۴۷] ۽ حسابُ ڪَجهين سَهْلوُ سَٻَاجَها سَتَّارَ

[۱۴۸] تَاٻِي پَڙهُ وُضُوءَ جِي دلِ سين هِيَ دُعَا

[۱۴۹] جَڏِنه ڏَائي ٻَانهَ ڏوُئين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ لاَ تُعْطِنِيْ كِتَابِيْ بِشِمَالِيْ
وَلاَ مِنْ وَّرَآءَ ظَهْرِيْ وَلاَ تُحَاسِبْنِيْ
حِسَابًا شَدِيْدًا وَلاَتُعَذِّبنِيْ عَذَابًا اَلِيْمًا."

---

۱۴۳. جڏن= جنهن وقت، جڏهن. ۱۴۶ -۱۴۷. ٻه سٽون مٿين دعا جي معنيٰ جون. ۱۴۶. ڪاغذ= اعمال نامي وارو ڪاغذ. ۱۴۷. ن. ب- ا. سَهلو، ق. ب-۲. سُهلو. ۱۴۸. تَاٻِي= تان پِي، تہ ٻہ، تہ پُڻ، تِهان پوءِ. ۱۵۰ - ۱۵۳. ٽي سٽون مٿين دعا جي معنيٰ جون.

[١٥٠] نـَ ڏِيِن ڏَائِي هَٿَ ۾ مَولِيٰ مُون ڪِتَابُ

[١٥١] ۽ مَ مُـون پُنِي پُهرِئَا، يَارَبَّ هَـرَڙُو ڪـج حِسَابُ

[١٥٢] تَانِپِي پَڙُهہ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٥٣] جَڏِنـہِ تُـون سِرُ ڪَـڍِين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ غَشِنِيْ رَاْسِيْ بِرَحْمَتِکَ وَنَجِّنِيْ

مِنْ عَذَابِکَ وَاَنْزِلْ عَلَيَّ مِـنْ بَـرَكَاتِکَ."

[١٥٤] مَـولِيٰ مَتِئَو منُهجو رَحْمَـتَ سـِين اُوچَاءِ

[١٥٥] ۽ اُتـِـمِ اوُت بَـرَڪَـتُون عَـذَابَان اوِيَاءِ

[١٥٦] تَانِپِي پَڙُهہ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٥٧] جَڏِنه مَڪِينْ ڪَـنَ بِئِي ڪَارَڻَ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اجْعَلنِيْ مِنَ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ

الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهُ."

---

١٥١. ن. پُهراَ، ق پُهرِا، ب. پُهرِائِي. صحيح: پُهرِئا= پويان. ١٥٣. سر ڪڍين= مٿي جو مَسحو ڪرين. ١٥٥. ن. عَذابًا، ق. عَذابا. ١٥٧. اصل ۾ "ڪَن".

[١٥٨] ڪَريمَ ڪَرِهيمَ تَنِ ڪَان جي سُٽِينِ سَڀَ پچَارَ
[١٥٩] چَڱُيون لائِين چِتَ سِين پُونِ نہ مَنِي پَارِ
[١٦٠] تَاٿِپي پَڙُهہ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١٦١] جَڏِنه مَڪِيِڻ ڪَنڌَ کِي ڪَارَڻ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اعْتِقْ رَقَبَتِيْ مِنَ النَّارِ وَاَحْفِظْنِيْ
مِنَ السَّلاَسِلِ وَالْاَغْلاَلِ وَالْاَنْكَالِ."

[١٦٢] اِلاَهِي آجو ڪَرِيِن ڪَرِيمَ تُون ڪَنڌُمِ
[١٦٣] ڪَنَا جِيرِي ڳِنِيِين سَنگهَرَنِئَا سَندُومِ
[١٦٤] تَاٿِپي پَڙُهہ وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا
[١٦٥] جَڏِنهِ جِيِٽُو پيرُ ڌوئِين ڪَارَڻ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْ قَدَمَيَّ وَقَدَمَيْ وَالِدَيَّ عَلَي
الصِّرَاطِ يَوْمَ تَزِلُّ اَقْدَامَ الْمُنَافِقِيْنَ وَالْكَافِرِيْنَ."

[١٦٦] ڏَٽِيمِ دُرُستُ اُپِيَارِيِن مِيان مُنهِجَا پيرَ

---

١٦٣. ب-٢ سَنگهرُنِئا.

[١٦٧] ۾ پيرَ مُنهجي مَائٽرِينْ مَٿي صِرَاطَ سِيرَ

[١٦٨] جهَرَ ڪرنداَ ڪُنَ ۾ تِچِجي تِڪَايَا

[١٦٩] پيرَ مُنَافقِين ڪَافِرِينْ دوُزَخَ جِي دَهْلاَ

[١٧٠] تاثِبِي پَڙُهه وُضُوءَ جِي دِلِ سِين هِيَ دُعَا

[١٧١] جَڏنه ڏَائو پيرُ ڌوئين ڪَارَڻِ رَبَّ رَضَا

"اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ سَعْيِيْ مَشْكُورًا
وَذَنْبِيْ مَغْفُوْرًا وَعَمَلِيْ مَقْبُوْلاً
وَتِجَارَتِي لَنْ تَبُوْرَبِفَضْلِكَ وَكَرْمِكَ
يَاغَفُوْرُ بِرَحْمَتِكَ يَااَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ."

[١٧٢] سائين سَعيُ مُنهُجو مِيَان ڪَرِ مُوچارُ

[١٧٣] ۾ ڪَمَايَامِ قَبُولُ ڪَرِ مَنَايَامِ وارِ

[١٧٤] سَودو ڪَرِهِيمِ سَڦَرو جِنهِ ۾ ناهِ ڇيئو

---

١٦٨. **ن.** تِچِجي تِڪَايَا، **ق.** تِچِجي تِڪَايَا. ١٦٩. **ن.** دوزخَ جِيئي دَهلا، **ق.** دوزَخِيَ دَهلا.

[١٧٥] اَي مَرَهيندڙَ مَرَهِ مُون بَاجَهاءِ بِاجَهه ڪئُو

[١٧٦] دُعَائُون پُڻْ دُرُستُ ٿيُون هَاڻِي سُڻُ نَہ سئُوِي

[١٧٧] پَڇِي جو وُضُوءَ ڪَي سِو سِڪُ سَپِئُويِ

[١٧٨] سِڪَڻَ ۾ شَرِيعَتَ جِي لَڄَ نہ ڪَجِي ڪَا

[١٧٩] تہ مَهَنْدِ اوْ پِيالِئَا اُبهئو، مَرَڪِي مُصطَفيٰ

[١٨٠] جيڪِين مَهَندَا نِڪَرِي ڪِہ پُهرِئَا پَيدَا هئُوءِ

[١٨١] پَڇِي سئُو وُضُوءَ ڪَي سِڪَي سَپِئُو ڪَئُوءِ

[١٨٢] مَگر مَهَندِپِن پَارِ ڪَان جِي وَاءُ وِڇِنئُوڪِينَ

[١٨٣] تہ نَاهِ نُقصَانُ وُضُوءَ ۾ مُڙُسَنِ ۽ جوئنِ

[١٨٤] پَرَجِنه جوُءِ بَہ واتُون هيڪَتِيُونْ جِي تَنہ اِيَ نِڳئُو

---

١٧٥. **ن.** "مرهيندڙ" جي "ر" تي زبر آهي پر "مَرِهہ" جي "ر" جي هيٺان زير آهي. اها غلطي ڪاتب جي ڄڻبي. ١٧٩. **ن.** مَهَدِ اوپيالا. **ق**، مَهَدِ اوپاليا، **ب**-١ **ب**-٢. مَهَند اوپالِئَا. ١٧٧. **ن.** سِڪُ، **ب**-ا. سِڪهَ (ڄڻ ڪ (ڪاف) ڪان پوءِ ننڍي "ه" آڻي سنڌي "ڪ" جو اُچار ادا ڪيل). ١٨٠. **ن.** پَهُرا، **ق.** پُهرِيا. ١٨٢. **ق.** وِڇِنو. ١٨٤. "اِيَ" پڙهڻي مان بہ معنائون نڪرن ٿيون. ١: هِي، اِهو٢: اِيئن.

[١٨٥] وُضُوءَ ۾ تنــه جؤءِ جي اِختلاَفُ پئو

[١٨٦] چَنْگيت وُضُوءَ سَا ڪَرِي مَنَان پئويُون واءُ

[١٨٧] اَچِي مـهَـندَا نِـگَئو لَـهِي واٿَ اِياءِ

[١٨٨] ٻِي مُـبَاشـرَةَ فَاحِشَـةَ پُڄِي پَـرُوڙِئـو

[١٨٩] جِئَن رِي اِنــزَالَ اِدْخَالَ رِي مَـتَا مَـسُ ٿئو

[١٩٠] ۽ پُنْ يَـڄِي نِنْدرَ سَـاجَا پِـرِ هــيڪُ ڏُڏي

[١٩١] ڪِ تَڪِيي تنه تُوڪَ جي ڪِرجي جنه ڪَدِيي

[١٩٢] مَگَر مَقْعَدَ مَاڪَ ۾ جي مَحْڪُمُ هؤءِ مَزِي

[١٩٣] تـ وِبـنِي وُضُوءَ نـ يَڄِي تـوُڙِي نِـندرَ ڪَـٽِي

[١٩٤] ڪِـ ڪَنَا غَلَـبِي نِـندَرَ جي ڪَرِي ڪـؤ پئو

[١٩٥] جي پُئَـٽا اَڳِي سَـارَ تِيَـسِ ڪِـ پُندَهِينْ اُٿئو

١٨٧. ن. ۽ يـاء، اتَا، ب-ا. اِيهَاءَ. اِياءِ= اِيانءِ= اِتانءِ. ١٨٨. ن.پَرُورِبوهُ، ق. پَرُورِئُو، ب-ا. پَرُورِهو. ١٨٩. ن ق. مَسّ (شد سان). ١٩٠. ن ق. يَنجِي. پَرَهيڪَ ڏَڏي، ب-ا. ١٩٢. ن. مَحڪَمَ، ن ق. هوءِ مَرِي. ب-ا. هوءِ مَزِي. ١٩٣. ن. توري، ق. تورِ. ١٩٥. ن. پُئَنا= پُئَٽا= پُنئَٽا، پُونئَٽان= پوَٽان. ن. پُندِهِر ق. پُندَهِرْ= پُندِهين، پُندَهين= پَوندي هِين.

[۱۹۶] نَہ آهِي وُضُوءُ اُنَ کِي، مَگَر لَمحوٗ جِي

[۱۹۷] پَئِي رَهِي نِندَرَ ۾ وُضُوئُوسِ وَڃِي

[۱۹۸] ۽ جِي رِڙهِي رَتُ ڪِيِنْ، ڪِ پُوءِ پَلِتِي هُوءِ

[۱۹۹] ڪِ پِرِي وَاتُ پِرِ ڪَرِي اَچِي اوٗڪَاروٗءِ

[۲۰۰] تنوٗڙِي طَعَامُ ڪِ پِتَ هوٗءِ، تنوٗڙِي رَتُ بِدوٗ

[۲۰۱] پِرَ جِي پِرِي نَہ وَاتَ کِي تَہ وُضُوءَ پِيُوٗ نَہ ڪوٗ

[۲۰۲] جِنه سِيِنْ سَگهِي تَہ پَڙهِي، ڪِ سَگهِي ڳَالَهايوٗ

[۲۰۳] ڪِ مَرِي، ڪِ مَسْتِي، ڪِ مِتِي مِيخَالوٗ

[۲۰۴] اَچِي نَڪَانْ نِڪرِي، ڪِ ذَڪَانْ وَهِي تُرشوٗ

[۲۰۵] ڪِ اُٿِبِي اَکِيَان آبُ پِئوٗ سُورَنِ سِين سِمِي

[۲۰۶] ڪِ ڪِرِئوٗ پَاڻِي ڪَنَ ڪَان، ڪِيڙوٗ جِيِنءَ ڪِرِي

---

۱۹۹. **ن**. اوڪاروءِ، **ق**. اوڪارو. ۲۰۰. **ن**. تنوري= تنوڙي، **ق**. تنوني= تنوٽي، **ن**. پِت،**ق**. پِتّ. ۲۰۱. **ن ق**. پوءُ "پوٗءُ" نہ پر "پوءُ" (=پِئُہ). ۲۰۳. **ن ق**. ميجالو، **ب-ا**. ميخالو (=مَالِيخولِيا) ۲۰۶. **ن**. جِيءَ ڪِري، **ق**. جِيَ ڪِري.

[٢٠٧] ڪِ پَردؤ ڪرِي پِئؤ ڪِ پَنْبؤ ڪنهْ ڪَنَا

[٢٠٨] ڪِ ڏَڪَاڪِيُونْ نِگَئؤ، ڪِ وارِي تَندُ وِچَا

[٢٠٩] ڪِ ڪرِي پِئؤ مَاهُ ڪِيِنْ سِڙِي ڏَڪَ مَنجهَا

[٢١٠] پَرَ پَنجَئِي هُونِ هَرِئَا، جِي سُڪِي باڪَ نہ ڪا

[٢١١] تَنؤڙِي هَرِبَائِي ڪَابِي، تَنؤڙِي رَتَ پِرِئَا

[٢١١/١] [پَرَ هَرِيَائِي پَنْبِي ۽ پَردِي جِي پِجِي وُضُوءَ ڪا

[٢١١/٢] تنؤڙِي گهَٽِي ڪِ ٿؤرڙِي، سُٽِي يادِ ڪجاه

[٢١١/٣] ۽ ڪِيئِنْ ۽ مَاهَ ۽ تَندُ سِين وُضُو تِهرَ پِجِي

[٢١١/٤] جِهرَ هَرِبَائِي اُنَ جِي وَهِيئؤ ٿِي تِرمِي

[٢١١/٥] نَاتَ پِجَڻُ نَاهِ ڪؤ، سُٽِي سؤ سِڪِجِي]

---

٢٠٩. **ن**. ماهُ ڪِ (=ماهُ ڪِين) ٢١٠. **ن ق**. پَنجَئِي (ائين). ٢١١. **ن**. بِي، **ق**. بِئِي. **ن ق**. رَتّ (شد سان) **ن**. هَرِيَائِي. **ق**. هَرِئَائِي. ٢١١/١ کان ٢١١/٥ ۽ ٢١٣/١ کان ٢١٣/٣ اهي اُٺ ئي سٽون **ق** ۽ **ب-١** ۾ موجود آهن پر "**ن**" ۾ موجود ناهن، البت ٻئي ڪنهن ڪاتب ن جي حاشيي ۾ اهي سٽون لکيون آهن. انهن سٽن بابت ب-٢ ۾ وضاحت طور ڄاڻايل آهي تہ اهي مخدوم محمّد هاشم رحہ طرفان آهن.

[٢١٢] پَر صَحْيُ قَولُ ڪِتَابَ ۾ هنَ پرِ لِکيؤ آهِ

[٢١٣] تہ ڪِيئنْ ماهَ مُبَاشِرَتَ سِين وُضُوءَ ڀَڄِڻُ ناهِہ

[٢١٣/١] [پُڻ ڪَنِي چِيؤ عَالِمِين مَنجهہ ڪِتَابَ لِکِيي

[٢١٣/٢] تہ مُبَاشرت فَاحِشَۃَ سِين وُضُو ڪِينَ ڀَڄِي

[٢١٣/٣] پَرَ صَحِيُ قَولُ ڀَڄَڻُ جوُ فَتوىٰ جَهِين تِي]

[٢١٤] ڪِہ وَنِي جَرَ، ڪِ ڪيلَ وَڏِي، جُؤيِي سَا ڏِرِئِي

[٢١٥] جِيئنْ لَتِي پُڄَاڻَا رَتُ ڪِيئنْ وَاتَا تَنِ وَهِي

[٢١٦] مَهوُ، مَڪ، ڪِ ڪيلَ نَندِي تؤڙِي پُرُ پِيَنِ

---

معنيٰ جي سلسلي جي لحاظ سان ٢١٣/١ ۽ ٢١٣/٢ بهتر ٿيندو ته ٢١٢ ۽ ٢١٣ کان پوءِ رکجن جتي **ب**-ا ۾ هڪ سٽ مخدوم محمد هاشم رح جي ٢١٣/٣ اڳ ئي بيٺل آهي جنهن جو قافيو هنن ٻن سٽن سان ملي ٿو. ٢١٢ -٢١٣. هي ٻه سٽون ن ۾ آهن، پر **ق ب** ۾ ڪين آهن. "**ن**" ۾ مخدوم ابوالحسن وارو اصل متن ڏنل آهي. مخدوم محمد هاشم رح پڻ پنهنجي رسالي "اصلاح مقدمة الصلواة" ۾ مخدوم ابوالحسن جون اهي سٽون آنديون آهن ۽ پوءِ انهن تي پنهنجي اصلاحي راءِ ڏني آهي. ٢١٦. **ن ق**. پُر پِيَنِ.

[٢١٧] تہ وُضُو پَجي نہ تَن سِين، مگر گھٹا ٿِيَنِ

[٢١٨] کہِ اَچي ٽُڪَ، کہِ سنگھہَ ڪا، جا رَتَ ڳَڏي هوءِ

[٢١٩] جوُ رَتُ برابَرِ، کِ وَنڙوُ، تہ وُضو پَڃي سوءِ

[٢٢٠] پَرَ جِي اِنهان ٿوُرَڙوُ، تَہ وُضُوءَ پِوُ مَ پاءِ

[٢٢١] جيڪَا طَاعَتَ تِنهِ سِين ڪِجي سَا رِهاءِ

[٢٢٢] کہِ کوُ ڏَنگي ڏَندَ سِين، گَجَرَ کِ مُورِيءَ ڦَالَ

[٢٢٣] کہِ سِرِيَ سِين صَافُ ڪَري، ڏَندَ کِي ڏِيئِي خِلالَ

[٢٢٤] کہِ ڪَندُوَ، کہِ سوُئِي لِڳَ ۾ لَڳي ڪَهِين کِي

[٢٢٥] جوُ رَتَ ذَروُ اِنِ اُتي ڏِيکَائُون ڪَري

[٢٢٦] وُضُو پَڃي نہ تَنِ سِين مگر ڪِينَ سَري

---

٢١٧. **ن.** مَگر گھٹا ٿِيَنِ. **ق.** توڻي گھٹا ٿِيَنِ، **ب** جي حاشيي ۾ ڄاڻايل آهي تہ: مخدوم محمد هاشم رحہ لفظ استثناء (مگر) کي (توڻي) لفظ سان بدل ڪيو. ٢٢٠. "ن" ۾ سڀني سٽ ائين ۽ "انهان" جي صورتخطي "اِنَا". ق: تہ "وضوءَ پوءُ نہ ڪوءِ"، جيڪو قافيي جي لحاظ سان صحيح ناهي. ٢٢٢. ن ق. پَالَ. ٢٢٣. ن ق. سِرِيَ سين صاف ڪري ڏندَ کي ڏيئي خِلالَ. ب-ا، ب-٢: سِرِيَ سين صاف ڪري ڏندَنِ ڏي خِلالُ. ٢٢٥. ن. ڏيکاءُ. ٢٢٦. **ن.** سِريہ، **ق.** سِري، ب-١، سَري.

[۲۲۷]  کِ ٿِهڪُ، کِ ڪلَ نمَاز ۾ وَڃِي ساٿگهَ سارَ

[۲۲۸]  کِ چَرِيَائِيءَ جَا چِتَ ۾ اَچِي ٿِيَنِ آثَارَ

[۲۲۹]  پَرَ جَا مَسْتنِي وُضُوءَ پَڃِي، اُنَ اِهڙَا پَارَ

[۲۳۰]  جِئَنْ گهُنُتنِ گهُمِي آدمِي ڪَرِي ڪَا نَ نِهارَ

[۲۳۱]  اِنَ مِڙَنَا هيڪَڙِي وُضُو ڪَرِي بِهارَ

[غُسلُ جا فَرض]

[۲۳۲]  تَاٿِي پَڙهُ غُسْلَ جَا فَرْضَ تَرِسِي تِرِي

[۲۳۳]  تَ ظَاهِرُ بَاطِنُ تُنهجوُ ڪَرِيمُ پَاڪُ ڪَرِي

[۲۳۴]  پَاڻِي ڏِيَڻُ وَاتَ، نَڪَ ۾ لِڱَ سَيَڪَنه ڪِي

[۲۳۵]  جِئَنْ مَتَان مِڙَنِ اَڱَڙِنْ وَهِي سوُ وَڃِي

[۲۳۶]  پَاڙَ نَ سَندِي هيڪَڙِي ڪَا سُڪِي وَارَ رَهي

[۲۳۷]  "تَحْتَ ڪُلِّ شَعْرَةٍ جَنَابَةٌ" نَبِي فَرمائِي

---

۲۲۷. **ن.** ساڪہ سار، **ق.** سانگه سار، **ب**-۱. سانگه سار، **ب**-۲ سَگہِ سار.

۲۲۹. **ن.** اِهڙا، **ق.** اِهَڙا. ۲۳۱. **ب**-۱. مڙنئا.

[٢٣٨] تَاڻِپي تنهِ جِيُون سُنَّتُون سِڪُ سَمجهِي سڀ

### [غُسلُ جُون سُنتُون]

[٢٣٩] سُنَّتُون جي غُسْلَ جِيُون سڀ پَرُوڙِج پَنجَ

[٢٤٠] تہ مهَندِ مَاٽِينْ جَنَّتُون هوُئِينْ حُورنِ هَنجَ

[٢٤١] هيڪَڙا ڌوُئَڻُ هَٿَ ٻئِي، ٻِئُو پَلِيتِيءَ مَاڪَ

[٢٤٢] ٽِرئُو لَڳِي پَلِيتِي لِڳَ ڪان ڌوُئِي ڪَرِج پَاڪُ

[٢٤٣] چَوٿُون وُضُو ڪَرَڻُ نَمَازَ جِيئَن، پَنجوُن تَنُ تَمَامُ

[٢٤٤] تِرِي پيرا ڌوُءِ تُون سَارِي سَڀِ اَندَامُ

[٢٤٥] تِهَان پوءِ تيَمَّ جَا فَرضَ فَهْمِي جَاڻُ

[٢٤٦] تہ ٻَاجهائِي ٻَاجهہ پِرِئُو رَحمَتَ ڪَرِي رَحمَانُ

### [تيمم جا فرض]

[٢٤٧] تَيَمُ پُڻْ فَرضِينْ ٽِيتَرِين جِيڪِي غُسْلَ جَا

---

٢٤٣. ن. پَنجَا، ق. پَنجَيءُ. ٢٤٧ -٢٤٨. تَيَمَ جا (ائين)، ق. تَيّمَ، تَيَمَ.

[۲۴۸] تَيَمُ ڪِجي مَسْحوْ خَاصِيءَ خاڪَ مَنجهَا
[۲۴۹] جَا پَاڪِيزِي پَاڪَ گهٽو ڪنهَ سَيَڪَنه ڪا
[۲۵۰] نِيَّتَ سَنديَسِ فَرضُ ٿِئي، هَٿَڻُ هَٿَ ٻہ وَارَ
[۲۵۱] پِهرو پيِرؤ مُنهُ مَڪِجي ٻَانْهُون ٻَئِي ٻِهارَ
[۲۵۲] تناٿيپي تِنهِ جيُون سُنَّتُون سڪُ سَمجهي چَارَ
[۲۵۳] نہ شَفَاعَتَ سين سَرْوَرَ جِيءَ لَنگهي پئُين پَارِ
[۲۵۴] هيڪُ هَٿُ هَلائِڻُ مَهَندُ مَٿي، ٻِئُو پُڻ ڪَڍَڻُ پوءِ
[۲۵۵] ٽِرئُو اُپِٿَڻُ آڱُرِيُون ، چوُٿَان چَندبَا اوُءِ
[۲۵۶] جي هَٿَنِ ۾ اڱِڙِي ڪَا ڪِه لَڳي هوُءِ
[۲۵۷] نَا تہ چَندِڻُ جو هَٿَنِ جي، احتيَاجُ نہ ڪوءِ
[۲۵۸] تِهَان پُوءِ تَيَمَ جو پَڄَڻُ پڻ سُڻهوُ

---

۲۴۹. **ن.** ڪه، **ق.** ڪَهِ (۱. ڪِهہ، ڪيِهہ= مٿي. ۲. ڪه= ننڍڙو ذرو، ٿورڙي (غلاظت). ۲۵۰. **ن.** سَنديَسِ... هَٿُ ٻہ وار، **ق.** سنديَسِ فرض ٿئي ۽ هٿڻ هَٿَ ٻہ وار. ۲۵۱. **ق.** پيهار. ۲۵۸. **ن** سُنِيو، **ق.** سُنِهو.

[٢٥٩] ٿيئَو دَانَاءَ دِيـنَ جَا سُٽِي جِي سـڪُـوهُ
[٢٦٠] تَـيَمُ پِڇِي تِـنه سِين جو پَـڇَـڻُ وُضُــوءَ جـو
[٢٦١] بِـئُو پُـڻ پَاڻِيءَ پَاڪَ کِي قَادِرُ ڪـُو ٿـيئُو
[٢٦٢] تـہ تِـنه سَندُو مَاڳَهِـيـن تَـيَمُ تِـن وِئَـو
[٢٦٣] هَاڻي سُٽِيوه سئُو، جو ڏِجي غُسْلُ مَيِّتَ کِي

[بَيانُ غُسلَ مَيِّتَ جو]

[٢٦٤] غُسْـلَ جو مَـيِّتَ جو ڪَرِهُـونْ تِـنه بَـيَانُ
[٢٦٥] تَہ مَنِي مؤمِنَ سَـيَـڪَهِين سِـڪَـڻُ ٿِئِي آسَانُ
[٢٦٦] پِهِرِيائِين غَاسِلُ پَاڻُ ڪَرِي وُضُـو سَـجُـئـي
[٢٦٧] تِـهَان پـئُوءِ ڪَـرِي قُـتُرُو تَـخـتُو ڏُئِـي
[٢٦٨] تَاڻي وَاسِي تَخْتَ کِي پِـيرَا پَـنجَ ڪِ تِـرِي
[٢٦٩] آڻِي تِـنه تَـخْتَ اُتِـي ڪَـٽِي مَـيِّتَ کِي
[٢٧٠] سَئُون سُمَـهَارِي تِنِه کِي ڪَارِي قِبلِي پِـيرَ

٢٧٠. ن. ساءَ، ق. سوءَ.

[٢٧١] تہ ٿِئيسِ مُهاڙِ قبليِ پوءِ وِهارَڻَ وِيرَ

[٢٧٢] وِهارِيسِ وِيرَ تَهِين جهِرَ پِيتُ آڊِيسِ

[٢٧٣] ڏِيئِي نَکِيو پَاڻَ اُٿِي هَرِي هَرِي مَهٿِيسِ

[٢٧٤] جيکِي پِرِ مُونَنِ جي، جيکي مٿي زورِ

[٢٧٥] اِنَ پِرِ وِجِهي پَاڻَ اُٿِي ، تِهَانْ پوءِ پِيٽُسِ چورِ

[٢٧٦] ٻِئِي سَيَکَنہِ حَالَ ۾ وَڙ سُنِي ڌُئَارِي

[٢٧٧] نَاهِ اِحْتِيَاجُ اِنَ ۾ تہ وارِي وِهَارِي

[٢٧٨] نَخْتُ پُڻْ رَکِي قبلِي جي هَنڌُ فَرَاغَتَ هوءِ

[٢٧٩] پِرَ جي تَنْگِي مَاڳَ ۾ تہ رَکِي قُطبَ رُوءِ

[٢٨٠] کِجي خَالِي هَنڌُ سو جِتِي مَيّتُ وِهنجارِينِ

[٢٨١] رِي ضَرُورَتَ وِترا مَاٺُو مَ مِيڙِينِ

[٢٨٢] مَاٺُو گُهرجَنِ ٻہ جَٽَا چَنْگِيتَ ٽِرئو نہ هوءِ

---

٢٨٢. جَنکيتَ ترؤُ، ق. چَنکِيتَ تِرءُو.

[٢٨٣] جي ڪمُ ٿِئي سينْ ٻِنِ ڄڻينْ تہ ٿرئوْ مَ ڪوْني ڪوْ

[٢٨٤] مَتَان مُنْهُ مَيِّتَ جو ڪوْ تَغَيِّرُ تنتِ ڪَري

[٢٨٥] تہ مَولي ري مَٿي تَهِين واَقِفُ ڪوْ مَ ٿِيي

[٢٨٦] جَانْ بَشَاشَتَ ڪِ رَوْشَنِي مَيِّتَ مُنّهَ ڪِئي

[٢٨٧] تَانْ سُٺَائِجي سَپِنِ ڪِي اِي بَشَارَتَ پِلي

[٢٨٨] ۽ جَانْ صُورَتَ ڪَا ٻِي پَيدَا تنتِ ٿِئي

[٢٨٩] تَانْ ڪِجي حَوَالوْ ڪَرِيمَ جو مَنَ مَولوْ بَاجهائِي

[٢٩٠] لاهي لِبَاسُ تِنْهِ اُتَا وِجهي سَتْرُ پوْشُ

[٢٩١] ڪَري خِطَابُ تِنْهِ سين هِين ڏِيئي هوشُ

[٢٩٢] نَالي سين اَللهَ جي جوْ رَحْمٰنُ ۽ رَحِيمُ

[٢٩٣] سَبَاجهوْ سَپِينْ پِرِينْ قَادِرُ رَبَّ ڪَرِيمُ

[٢٩٤] جيِرَنِ ڪِي جَانِ ڏِي، مُئَنِ ڪِي مَرَهِي

---

٢٨٣. ن ق. ٻِنْ.

[٢٩٥] اِيـذَا اِحْسَانَ رَبَّ رِي بِيوْ كـيـرُ كَرِي

[٢٩٦] مُطابِقْ شَرْعَ مُصْطَفيٰ جوْ اُمَّتَ جو آذارُ

[٢٩٧] شَفَاعَتَ تِنهِ شَفِيعَ جِي سَبِ پَسَندا پارُ

[٢٩٨] غُسْلُ ڏيئِي پَاکَ کَرِهُون توکي اَسين هَاڻِ

[٢٩٩] شَالَ سَچِ مِڙِينْ صَاحَبَ سين کَاءِ مَ پُوئِي کَاڻِ

[٣٠٠] جوْ تُون ٿِئوْ هِيکَلوْ پَرَڏيهِي غَرِيبُ

[٣٠١] رَحْمَتَ لُطْفُ رَبَّ جوْ توْسِين هوْءِ قَرِيبُ

[٣٠٢] چَڙِي مائِٿرَ مَنزِلُون هَليُون رَبَّ حُضُورِ

[٣٠٣] مَهَندِ ڏِيارِي پَاتَشَاهُ بِهِشتَ حُورُ قُصُورِ

[٣٠٤] اُتي دِينَ اِسلامَ جِي توکي چَڙِئوْسِين

[٣٠٥] جو صَاحِبُ سَبِ جَهَانَ جو تِنه کي پَرَنئوْسِين

[٣٠٦] تُون پَرَنئوْ تنه کي جوْ اهو سَبَاجهوْ

[٣٠٧] عَفْوُ کَرِي عَاصِيَنِ کِي ڏِنَا ڏوْهَ کيوْ

---

٣٠٢. ن. هَلِهُ، ق. هَلِهْ (هليون).

[۳۰۸] مَنَان ڪَاهلُ ڪِينْ ٿِئِينْ، دِلِ ۾ هـوُءِ دِلـبرُ
[۳۰۹] اَٿُـونْ آڳَهُ مُصْطَفيٰ سَچُوْ سَروَرَ شَبـيرُ
[۳۱۰] تنوَڪِي آنْـدوْ تَـخْتَ اُنِي جوْ ڏوْتـوْ ڏوْپِيوْ پَاڪُ
[۳۱۱] شَالَ قَرَارُ هوئِي قَبرَ ۾، بِهِشتُ ٿِيئِي ٿَاڪُ
[۳۱۲] تَنُ تنُهجوْ تَنْهَا ڪِئوْسِين لاَهِي دُنِيَ لِبَاسُ
[۳۱۳] مَهَندِ پِرَاهِي پَاتشَاهُ حُلا نُورَ قُـمَاشُ
[۳۱۴] تِهَان پوْءِ تِرِي پِيرَا اَنْگَڙوْ سَيُـڪوْ سَارِي ڏوْءِ
[۳۱۵] اُنِي سَيَڪَهِن اَنْگَڙِي هِـن پَرِ ذِڪرُ چوْءِ
[۳۱۶] جِنْـهِ تَـرتِيبَ ذِڪـرُ ٿِئوْ تِنِه تَرتِيبَا
[۳۱۷] ڏُئَارِي پَاڪَ ڪَرِي سَيِـيِئِي اَنْـگَـڙَا
[۳۱۸] ڪَارِبوْ وُضُو تِنِهِ ڪِي سَيوْئِي سُونْهَارُوْ
[۳۱۹] ڪَرِي ذِڪرُ تِنْـهِ ۾ مِڙوْئِي مـوْچَارُوْ

---

۳۰۸. ن. هو، ق. هوءِ ۳۰۹. ن ق. اَٿُن (= اَٿُون). ۳۱۸. ن. ڪاربو، ق. ڪاري.

[۳۲۰] پَرَ مَ پڙهي قُرآنُ ڪينْ، پڙهي دُعَائُون
[۳۲۱] چَنْگِيتَ آوَازُ اُنِ ۾ ڪَري هيٺاهُون
[۳۲۲] اِيُ پڙهَڻُ دُعَائُنِ جو "مَسعُودِي" ۾ آهي
[۳۲۳] پَرَ اُت نَ آهين لِکيُون تہ ڪو پَڙهي سي
[۳۲۴] تَڏَنه مُوَافِق حَالَ مَيّتَ جي آسَانَ هي ڪِيُون
[۳۲۵] پَنهِجي وَائِي پَڌَرِيُون آهِينِ جي ٿيُون
[۳۲۶] ڪَرِيمُ قَبُولُ تِنِ ڪِي مَولو مَانَ ڪَري
[۳۲۷] بَاجهہ جِنْه جِيءَ سَيُڪو آهي آسَري
[۳۲۸] جيڪي حَدُون حَيَّ جي وُضُوءَ جِيُون آهِينِ
[۳۲۹] اُهي حَدُون مَيّتَ جِيُون وِبتَرِ مَ پَائِينِ
[۳۳۰] غُسْلُ پُڻْ آهي اِهڙو جِهڙو جُنْبي جو
[۳۳۱] مَگَر نَڪَ ۽ وَاتَ ڪي پَاڻِي ڪِينَ ڏِبو
[۳۳۲] پَائِي پَنَا بيرِ جَا پَاڻِي تَائِجي

[٣٣٣] جي پنَا پيدَا نہ ٿيَنِ تہ وڙ ڪَارُ وِجهـي

[٣٣٤] پَرَ پَنَا وِجهجَنِ جَڪَڙِي جيڪيـنٽ مُوڙِيءَ مـِـي

[٣٣٥] تہ بَندَ نہ ڪَرِي تُنِ کِي پَاڻِي چُڙُئِو وَهِي

[٣٣٦] پَاڻِيءَ ۾ مَيّتَ جي پَنَا تي پَائـِيـنِ

[٣٣٧] تہ پَاڻِي سِيڻَنِ صَافُ ٿيِي مَرُ کي اُڪُوڙِبنِ

[٣٣٨] ڪـجِي اوُتَ نہ آبَ جي ڪَرِي وَاتَ ڪَنَا

[٣٣٩] مـتَان وَهِي وِتـرُو اِسـرَافُ هــوُءِ اِتـَا

[٣٤٠] "شِرَارُ اُمَّتِي الَّذِينَ يُسْرِفُوْنَ فِيْ صَبِّ الْمَاءْ" چَيو مُصطَفيٰ

[٣٤١] ۽ جي اهڙوُ پَاڻِي نَہ لَبِي تہ سَادِي پَاڻِي سَاڻِ

[٣٤٢] ڏِيئِي غُسْلُ مَيّتَ کِي اُنِي ڪَفَنَ آڻِ

---

٣٣٤. ن. جيڪيتَ، ق. چنڪِيتَ (=چڳِيتَ) جيڪينت= جيڪين تہ، جيڪوسو، جيڪي سي، جيڪي سي سي. ٣٣٥. گرم ڪيل پاڻيءَ مان، پاڻي ڪڍي ڪونئري ۾ وجهبو. پن موڙيءَ ۾ بدَل هوندا تہ ڪونئري ۾ ڪي بہ پن ڪين ايندا جيڪي تُن مان ڪُليي پاڻي وهڻ کي بند ڪن. ٣٣٧. ن. پَانِي سِيـنَنِ، ق. پانـي سِيـنَنِ، ن. مَرڪِي، ق. مَرڪِي. ٣٤١. ن. اهڙو، ق. اِهڙو، ن. سانِ، ق. سان.

[٣٤٣] پَرَ جي پاڻِي مُورِهِينْ نہ مِڙِي تَنْڌَنْه تَيَمُ ڏِي

[٣٤٤] آهي حَقُ اِسلاَمَ جوُ مُومِنَنِ مَٿِي

[٣٤٥] نوڙِي پَاڻِيءَ ۾ ٻُڌِي مُسْلِمُ مَرِي کوُءِ

[٣٤٦] تہ پُڻْ نِيَّتَ غُسْلَ جي چوُرِي کَڍِبوُ سوُءِ

[٣٤٧] پِرَ جي چوُرِبنِ تِرِي پِرِکَا مَيِّتُ پَاڻِيءَ مِي

[٣٤٨] تَہ سُنَّتَ طَرِيقَ غُسْلُ سوُ اُتَان اَدَا ٿِيِي

[٣٤٩] کِ مَرِي جَائوُ ٻُگِيرُو کِيَائِين کَاءِ نہ دانْهَ

[٣٥٠] ڏِجي غُسْلَ تنْه کِي نَمَازَ کَرَڻُ نَاهِ

[٣٥١] ۽ جي مَيِّتُ ٻُگِيرُو جوُ وُضُو نہ جَاڻِي

[٣٥٢] تہ تنْه کِي وَقتِ غُسْلَ جي وُضُو مَ کَارِي

[٣٥٣] مُڙْسُ وِهِنْجَارِي مُڙْسُ کِي، جوُءِ وِهِنْجَارِي جوُءِ

[٣٥٤] ۽ جي مَيِّتُ ٻُگِيرُو تہ جيکوُ ڏوُئِيسِ سوُءِ

---

٣٤٣. ن. پَر، ق. پَرَ، ن ق. مُورِهِم، ن ق. تَيَمُ. ٣٤٦. ن ق. تَپُن. ٣٤٧.ن. پِر، ق. پَرَ. ٣٥٢. ن. وَقتَ، ق. وَقتِ. ٣٥٤. ن. ٻُگِيرُو، ق. ٻُگِيَرُو.

[٣٥٥] ڪِ حَائضَ ڪِ جُنبِئوُ جي مَيّتُ وِهنْجارِبن

[٣٥٦] تَہ رِهاءِ غُسْلَ تَنِ جوُ پرَ چَڱيت ٿارِبنِ

[٣٥٧] غَاسِلُ گُهرجي اوُڏڙوُ عَزِيزَنِ مَنْجهَا

[٣٥٨] جيڪو مُومِنُ مُتَّقِي جوُ دِرجي دَرِپِ خُدَا

[٣٥٩] ڪَري اِحتيَاطُ اِنَ ۾ جئن غُسْلُ مَيّتَ جوُ

[٣٦٠] آهي غُسْلُ آخِربنْ مؤتِي ڪوُنَ ڪبوُ

[٣٦١] جيڪوُ وِهنْجاري ڏِٺيءَ لَڳِ، ڪَري طَمْعَ نَہ ڪَا

[٣٦٢] ڪَري پَاڪُ تنهِ ڪي ڏَاتَارُ ڏوِهَنِ ڪَا

[٣٦٣] مَگَرْ رَضَا پَاهِنْجِيءَ جيڪو آٿِي ڏي

[٣٦٤] تَہ ڪَري قُبُولُ تنْهِ ڪي قِيرِي سوُ مَ ڏي

[٣٦٥] پَاٿِي نَائِجي تَهڙوُ جوُ گهَٽوُ نَہ ڪوُسوُ هوءِ

[٣٦٦] نَہ ٿَڌَائِي ٿَڌوُ گهٽو، سَهِي هَٿُ سَندوءِ

---

٣٥٥. ن. حائضَ، ق. حائضُ. ٣٥٦. ن. پَر، ق. پَرَ، ن. تارِبنِ، ق. ٿارِبنِ. ٣٥٩. ن ق. جِن (=جئن). ٣٦٠. ن. ڪونَ ڪبو، ق. ڪونَ ڏِبو. ٣٦٢. ن ق. ڪا (=ڪان).

[٣٦٧] خَيْرُوْ کـِ خَطْمِـي اِيْ گُلَ جي لِيَنِ

[٣٦٨] نـَ ميٖتُ ماَڳهنْ ميَّتَ کي مَرْ مَٿي ۾ وِجَهـنِ

[٣٦٩] جيٖڪيٖتَ صَابُڻُ سَقَرُوْ جوْ مَرْ اُڪُوْڙي

[٣٧٠] جي نـَ لِيَنِ تُوْکَ اِي، نـَ مَرْ ميٖتُ وِجهي

[٣٧١] نـَ لاَهِجيٖسِ وَارُ کوْ نـَ نـَهَ لاَهِجَنِ

[٣٧٢] نـَ ڦَٽي نـَ نيٖلُ ڪيٖنْ نـَ سُرمُو اَکِيَنِ

[٣٧٣] مُئي پُڄاَٽا تُوْکَ اِي مِڙِبئي مَنَعَ ٿيَنِ

[٣٧٤] پَرَ چَنْگيٖتَ جِيَرِي وَارَ نـَهَ سَارِي شَرعِي کَنِ

[٣٧٥] مَگَر ڳُجهَا وَارَ جي سي مَ لاَهي کـوْءِ

[٣٧٦] جيٖڪيٖتَ گوْلِي مِلْڪي جيٖڪي سَنديَسِ جوْءِ

---

٣٦٩. **ن.** جيٖڪيٖتَ، **ق.** جيٖڪِيٖتِ. ٣٧٠. **ن.** اي، **ق.** اِي. ٣٧١. **ن.** نَه لاَهِجَنّ، **ق.** نُه لاَهِجَنِ. هتان کان وٺي ايندڙ ٽن سٽن تائين، پڇاڙي وارن لفظن جي "ن" تي **ن ق** ٻنهي ۾ شد ڏنل. ٣٧٣. **ن ق.** پڃاٽا (پرڪاتبن "ڃ" کي بہ "ڄ" جي صورت ۾ لکيو آهي). ٣٧٥. **ن.** مگر ڳجها وار سي مَ لاهي ڪوءِ. ٣٧٦. **ن.** جيٖڪيٖتَ، **ق.** جيٖڪِيٖتِ، **ن.** جيٖڪي، **ق** جيٖڪِي.

[٣٧٧] پَرَ اِهڙوُ اَمُرُ عَورَتَ کي تَانۡ جي اَچي پيشِ

[٣٧٨] نَہ پَاڻَا ذَارَ کَا ٻِئِي مَدَتَ مَ کَارِ ٻسِ

[٣٧٩] نَہ مُڙسُ مَحرَمُ مُڙسَ ٿِيِي،نَہ جوءِ مَحرَمَ جوءِ

[٣٨٠] توُٽي مَاءَ کِ پيِنَڻ سَگِي، توُٽي گولِيَس توءِ

[٣٨١] هَاٿي هِنَا پوءِ، سکُ صُورَتَ نَہ لَهرَاڻَ جي

[٣٨٢] نَہ لاهجَنِ پَرِجَهِيِنۡ سَا پُڻۡ سِکِي جَاڻُ

[٣٨٣] تَہ عَمَلُ اُتي کِتَابَ ٿِيِي سَبوُجُهہ هوُئِينۡ سُجَاڻُ

[٣٨٤] سَچِي هَتَ جِي شَهدَ کَنَا شُروعُ نَہ کجَنِ

[٣٨٥] اِنهِينۡ هَتَ جِي آکَوُنِي اُتِي نِيئِي پُجَائِجَنِ

[٣٨٦] ذَائِي هَتَ جِيءَ چِيتَ کَنَا شُروعُ نَہ کَرِي

---

٣٧٧. ن. پَرَ اِهــڙُو، ق. پَرَ اِهڙُو. ٣٧٨. ن ق. مَدَتَ (ائـين). ٣٨٢. ن. نَهۡ، ق. نُهۡ، جَهِمۡ (=جَهـين). ٣٨٣. ن. سَبُوجُ هُو ۽ سُجَاڻُ، ق. سَبُوج هُوءِ سُجانُ. ٣٨٤ – ٣٨٥. متئين پڙهڻي "ق" مطابق. "ن" ۾ ڪاتب کان ڀُل ٿي آهي جو اهي سٽون هن طرح لکيائين: شَهدَ کَنَا شُروعُ نَہ کجَنِ انهِم هَتَجِي

سَچِي هَتَجيءَ اکَوتي اُتِي نيئي پُجائجَنِ

٣٨٦. ن. هَتَ جيءَ، ق. هَتَ جِيءَ.

[۳۸۷] پُڻ ڏائِي هَٿَ جي آڱُوڻي اُتِي نِيئِي رَساڻِي

[۳۸۸] ۽ پِيرَ جيٺِي جِيءَ چِيتَ ڪَنا نَهنِ ڪِي لاهِي

[۳۸۹] ڏائِي پِيرَ جِيءَ چِيتَ اُتِي نِيئِي پُڄاڻِي

[۳۹۰] ”شَرْحَ ۾ مِشْڪَواةَ“ جي اِيهِين فَرمائِي

[۳۹۱] مُبَارَڪَ مُتَبَرَّڪَ گهَٽُوْ صُورَتَ اِيَ آهِي

[۳۹۲] هَاڻِي هِيئِن لائِي، پَڙهُ مَوْتِي مَسائِلَ غُسْلَ جا

[۳۹۳] پَائِي هَٿوْ هَٿَ ۾ حَرْفَ هِي پَڙهِي

[۳۹۴] تِهانْ پوءِ ماڳِ اَدَبَ جي غَاسِلُ هَٿُ ڌَرِي

[۳۹۵] پِهرائِينْ پَاڪِيءَ ڪي ڪَارِيَئِنْ طَهَارَتَ

[۳۹۶] شَالَ هِئَان هَلِينْ پَاڪُ تِي رَسِينْ رَسُولَ سَٿَ

۳۸۸. ن. جِيٺِيءَ چِيتَ ڪنا، ق. نُهَ ڪي. ۳۸۹. ن. ڏائي پيرَ جينئَي چِيتَ. ۳۹۱. ن ق. ئِيَ (=اِيَ، اِيءَ). ۳۹۲. ن. پَرُ، ق. پَر (=پڙهہ)، ن. مسائِيلَ، ق. مَسَائِلَ. ۳۹۳. ن. هٿو هٿمي، ق. هٿو هَٿَم، ب-ا. هَٿو هَٿِم. ۳۹۴. ن ق. ماڳِ، ن. هٿُ، ق. هٿ. ۳۹۵. ن ق. پاڪِيئَي ڪي، ن. ڪارِي، ق. ڪارِي. ۳۹۶. ن ق. هِئَا، ن. پاڪُ تِيُ، ق. پاڪُ تِي. ن ق. هَلِي، رَسِي.

[۳۹۷] لَاهِي پَلِيتي لِڱَنِ ڪَان تَنَ پَاڪِي ڪَرِيَانءِ

[۳۹۸] ڪَندُئِي پَاڪُ پَاڪُ ڏَٽِي مُنهِجي مَجَالَ نَہ ڪَاءِ

[۳۹۹] لَبَ تُنهِجَا اُڱهَان، اُمِيدَ اِيءَ ڪَرِي

[۴۰۰] تَہ ڏِينْ جَوَابُ صَوَابَ سِين مَهَندَا مَلَڪَنِ ڪِي

[۴۰۱] ڏَندَ تُنهِجَا اُڱهِي سِي پُٺْ ڪَرِيَان صَافُ

[۴۰۲] سَائِينْ ڪَرِي سَيِّ تُنهِجَا ڏَاتَارُ ڏوْهَہ مَعَافُ

[۴۰۳] ءِ پُٺْ وَاتُ مَيِّتَ جوْ هوْءِ اُپَتِئوْ جِي

[۴۰۴] پُجِي ڪَپَڙَ پُرزوْ تَارُو تِنْہ سوْئِي

[۴۰۵] تَارُو تُنهِجو پَاڪُ ڪَرِيَان وِجهِي آنْگَرَ وَاتِ

---

۳۹۷. **ن**. لِنڱَا، **ق**. لنک کا، **ب–ا**= لِنگَنِ کان. **ن**. تَنَ پاکيي کريانءِ، **ق**. تَنُ پاکي کرباءِ، **ب–ا**= پاکئي کَرِيان. ۳۹۸. **ن**. کَندِي پاکُ، **ق**. کَندِي پاکُ،**ب–ا** کَندوءِ. ۳۹۹. **ن**. اُکَهَان. ۴۰۰. **ن**. تَڏِي، **ق**. تَڏِي، **ب–ا**= تَڏِي. ۴۰۱. **ن**. اُکَهِي، ن. صافَ، **ق**. صافُ. ۴۰۲. **ن**. سَيِّ (=سَيَ، سَيِ) **ن**. معافَ، **ق**. معافُ. ۴۰۳. ن **ق**. اُپَتِئُو. ۴۰۴. پُجِي= کٽي، کَپِڙَ پُرزو= کپڙي ٽکر، کپڙي جو ٽکر. ۴۰۵. **ن**. انگُرِ.

[٤٠٦] جي اَگهيا دَرِ اللهَ جي شَالَ سِرِينْ تَنِي سَاتِ

[٤٠٧] نَڪُ اُگهَئِينْ نيَّتَ ڪِئَوْ، آءٌ اِهَائِي

[٤٠٨] تَہ مَاٽِيِنْ بُوءِ بِهشتَ جِي، جوْ سُرَهوْ سَدائِي

[٤٠٩] اَڪِيُون مُنْهُ ڏُٺَارِيِنْ آءٌ اِنَ اُمِيدَ

[٤١٠] تہ پَسِينْ لِقَاءُ رَبَّ جوْ مُنْهُ نُوْرانِي سُفِيدَ

[٤١١] ڏِيئِي خلاَلُ ڏَاڙهِي ڪِي سَا پُڻ سِينْگَارِبَاءِ

[٤١٢] شَالَ ڪَرِي قَبُولُ پَاتَشَاهُ عَمَلَ سَڀْ سَنداءِ

[٤١٣] بَانَہ جِيَٽِي ڏُٺَارِيَئِينْ اِنهِيءَ اميدَا

[٤١٤] تہ چِنِي چَنْگَايَنِ جِي جَهلِيِنْ جِيَٽِيَا

[٤١٥] ڏَائِي بَانَہ ڏُٺَارِيَئِينْ تَہ رکِي رَبُّ تَنِئَا

[٤١٦] ڏوْهَنْ جَا ڏَائِي مِ ڪَاغَذَ جَنِ ڏِبَا

[٤١٧] هَاٿِي ڪَارِيَئِينْ سَرْ مَسْحُوْ سُونْهَارُوْ سَهجَاءُ

---

٤٠٦. ن. جي اَڪِئا، ق جي اڪِيا. ٤٠٧. ن. نَڪُ اُڪَهِرُ، ق. نَڪُ اُڪَهِرُ. ٤١٣. ن. اميداءُ، ق. اميدا. ٤١٤. ن. جيٽياءُ، ق. جِيَٽِيا.

[۴۱۸] تَہ اُتِي تَنوُ اوُتَ ٿِيي رَحْمَتَ رَبَّ مُلاَءُ

[۴۱۹] ڪوُڏانْ مَڪِيئَنْ ڪَنَ ٻَئِي تَہ توُڪِي سَائِينْ شَالَ

[۴۲۰] سُٽَائِي سَچوُ ڏَٽِي سَنَدِي بَانْگَ بِلاَلَ

[۴۲۱] ڪَارِبَئِينْ مَسْحُ ڪَنڌَ ڪي تَہ اَللهُ اوُيَائِي

[۴۲۲] ڪَنَا چِيرِي ۽ ڳُتِنِيِنْ سَائِينْ چوُتَائِي

[۴۲۳] پِيرُ جِيَٽُو ڏُئَارِيئِينْ تَہ صِرَاطَ اُتَا شَالَ

[۴۲۴] وَهِي وَجِينْ وِجَ جِيئَنْ، پَلوُ ڪَرِي پَالُ

[۴۲۵] ڏائوُ پِيرُ ڏُئَارِيئِينْ تَہ سَائِينْ سَبَاجهوُ

[۴۲۶] جِي سِرَنْدَا صِرَاطَ ڪَان تَنِئَا رَڪِي تَنوُ

[۴۲۷] جَهلِ پَانْهِجو پَانْهِجِي مَٿِي اُتِي آبُ

[۴۲۸] توُڪِي ڪَرِي پَاڪُ ڏَٽِي، آسَان ٿِيِي ثَوَابُ

[۴۲۹] رُڳِي مِيتِ مَٿوَ ڏوُبِينْ تيلُ نَہ ڪِينْ پَائِي

---

۴۲۲. ن. ڪَنِي، ق. ڪَٿِي. ۴۲۸. ن. توڪي ڪري، ق. تو ڪري. ۴۲۹. ن. رُڪي ميتُ، ق. رڪي ميتِ.

[٤٣٠] چُئا چَندَنَ ڪيوڙَا مَولوٗ مابٽائِي

[٤٣١] پَاسوٗ تُنهِجو پَاڪُ ڪَرِيان جيَٽُو ڏُئَارِي

[٤٣٢] پَلَنْگَ پَاڪَ بِهِشْتَ جَا ڏَاتَارُ ڏِئَارِي

[٤٣٣] ڏَائوٗ پَاسوٗ پُٺِ تُنهِجي ڏوٗئِي ڪَرِيَان پَاڪُ

[٤٣٤] مَهِندِ ڏِئَارِي مُلْڪَ ڏَٽِي بِهِشْتُ حُورَ بُرَاقُ

[٤٣٥] آڍِي پيٽُ پَاڪُ ڪَرِيَئِيْنْ سَنڌِيءَ سَگهَ سَتَّارَ

[٤٣٦] شَالَ اَچِيئِي نُورُ اَندَرَ ۾ چِٽگَ تہ پوٗءِ ٻَهَارِ

[٤٣٧] جوٗ آڍِي پيٽُ پَاڪُ ڪئوٗ توٗءِ اُوهِي مَاڳَ ڏوٗءِ

[٤٣٨] نہ نُقُصَانُ وُضُوءَ ۾ نَڪوٗ غُسْلَ هوٗءِ

[٤٣٩] نِهَان پُوءِ پَاسوٗ جِيَٽُو پُڻْ موٗتِي ڏُئَارِي

[٤٤٠] ڏُئَارِي دُرُسْتُ ڪَرِي غُسْلُ پُڄَائِي

[٤٤١] هَاٽِي پُڻْ پَاسوٗ جِيَٽُو موٗتِي ڏُئَارِبَاءِ

---

٤٣٣. ن. پاڪِ، ق. پاڪُ. ٤٣٤. ن. بُراقِ، ق. بُراقُ. ٤٣٦. ن ق. شال اچي. ن ق. چِرْڪَنَتَ پُوءِ. پوءِ= پوي. ٻهار= ٻاهر. ٤٣٧. تُو اُوهِي ماڳُ، ق. تُوء هِي ماڳُ.

[۴۴۲] شَالَ بَاجهہَ ڪَرِي بَاجهہَ پِرِئوَ سَبَاجهوَ سِيٽاءِ

[۴۴۳] ڇَڏِي دَارُ ڏُنِيءَ جوَ هَلِيِنْ تُون هِتَا

[۴۴۴] شَالَ سَبِ ڇَنْگَايُون مَهْنْدَ جِيُون مَولوَ ڪَرِي عَطَا

[۴۴۵] اِنَ پوِيِنْ پِيرِي پَاٽِيءَ ۾ ڪِي ڪَافُورُ وِجهِي

[۴۴۶] 'فَتْحُ الْقَدِيْرَ' ۽ 'بَحْرَ' ۾ اِنَهِين پَرِ لِکِي

[۴۴۷] غَاسِلُ پَاٽِي غُسْلَ ۾ وِجهِي نَوْ پِيرَا

[۴۴۸] تِرِي جِيَٽِيَ، ڏَائِيَ تِرِي، تِرِي پُڻْ جِيَٽِيَ ڏَاهَ

[۴۴۹] جِي گهُرجِي ڪِيڻْ بِئُو، تَہ پُڻْ وَرْ وِجهِي

[۴۵۰] غُسْلَ ۾ مَيِّتَ جِي اِحتِيَاطُ ڪِجِي

[۴۵۱] پَرْ پُجَائِجِي طَاقَ اُنِي جُفْتُ تَانَہ جُڳَاءِ

[۴۵۲] "اِنَّ اللهَ وِتْرٌ وَّ يُحِبُّ الوِتْرَ" اِيَ هِيِن سِيڻْ لَاءِ

[۴۵۳] پَرِ اِهڙِيءَ پَاڪُ ڪِجِي ظَاهِرُ تِنْهِ سَنَدوَ

---

۴۴۶. ن. اِنَهِہ پَرِ، ق. اِنهِہ پَرِ. ۴۵۲. ن ق. ئِيَ (=اِيَ).

[۴۵۴] بَاطِنُ سَنڌُسِ سؤئِي ڪَنڌُو جؤ مَولؤ مُلڪَنِ جؤ

[۴۵۵] تَاڻِي مَنڍِي چَادَرَ مَيِّتَ اُتَا ، سَترُ پؤشُ ڪِجي

[۴۵۶] مَتَان اُگهاڙَ اُنَ جِي ڪِنْهِ نَظَرَ مَنجهِہ اَچي

[۴۵۷] ”لاَتَنْظُرُ اِلِيٰ فَخْذِ حَيٍّ وَلاَمَيِّتٍ“ چَيؤ رَسُولَ سَچي

[۴۵۸] چؤئِي تِنْهِ چَادَرَ پَاڪَ سِين ڪَٽِي مَيِّتَ کي

[۴۵۹] آٽِي اُتِي چَادَرِيِن ڪَفَنَ سَنديُون جي

[ميت جو ڪفن]

[۴۶۰] ڪِجي ڪَفَنُ مُڙْسَ جؤ اَچؤ سُونْهَارؤ

[۴۶۱] جِهڙؤ ڏِڪي عِيدَ جُمعي وِتِري سَاهَہ وَارؤ

[۴۶۲] ۽ عَورَتَ ڪَارَڻِ اِهڙؤ ڪَفَنُ ڪَارِجي

[۴۶۳] جِهڙؤ پَرَهي پِئَڪينْ مِهمَانِيءَ وَجي

---

۴۵۴. ن. مُلڪَ جو، ق. مُلڪَ مُلَڪَنِ جو (ايئن). ۴۵۵. ن ق. اُتـا. ۴۵۶. ن ق. مَتـا. ۴۵۸. ن. چادَرَ، ق. چادَرِ. ۴۵۹. ن ق. چادرِي. ۴۶۰. ن ق. سُوهـارو. ۴۶۳. ن ق. پِئَڪ.

[۴٦۴] ڪَفَنُ ڪَارڻِ عَورَتنِ رَتنوَ پُڻ رهاءِ

[۴٦۵] پَرَ اَچوَ آهي اَفضَلُ گهٽوَ مَتَا پُڻ اُوجُگاءِ

[۴٦٦] اَچوَ آهي نُورَ جيئَن نَازِلُ مَتِس نُوْرُ

[۴٦٧] اَچي ذَارَا رَنگُ بِئوَ چَنگيتَ ڪِجي ڏُورِ

[۴٦٨] ڪَفَنُ آهي تِرِينْ پَرِيِنْ اَندرِ شَرِيعَتَ

[۴٦٩] هيڪُ سُنَّتَ، ڪِفَايَت بِئوَ، تِرئوَ ڪَفَنُ ضَرُورَتَ

[۴٧٠] ڪَفَنُ سُنَّتَ مَرْسَ جوَ گَنڍِيُون آهِنِ ترِي

[۴٧١] هيڪُ اِزارَ، بِئوَ لِفَافو،پَيرَهَنُ ڪِجي

[۴٧٢] اِزارَ نَالوَ اَنڌَرِيِنْ ۽ لِفَافوَ بهِرِيُون

[۴٧٣] بَئِي چَادَرِيُون مَتَان مَتِي پيرَانْ هيٺِ ڪبيُون

[۴٧۴] بہ گرَانِيُون بِنهِينْ پَارِينْ مُنِيَا تَنِ ڪجَنِ

۴٦۵. ن ق. پَرَ، ن ق. ڪنُو (=گهٽو). ۴٦٦. ن. متسُ، ق. متِسِ. ۴٦٧. ن. جَنڪيتَ، ق. چَنڪيتَ. ۴٦٨. ن ق. ترِ پَرِ. ۴٧١. ن. پيرَهَنُ، ق. پيراهَنُ. ۴٧٣. ن. ڪبي (=ڪبيُون)، ق. ڪجي. ن ق. متا متي پيراهيٺ= متان متي پيران هيٺ= متي ڪان متي ۽ پيرن ڪان هيٺ تائين. ۴٧۴. ن. بن پَارِ، ق. بنِ پارِ، ن ق. مُنيَا (=منيا).

[۴۷۵] ۽ مُؤڪَرَائِيءَ ۾ مَيّتَ ڪي وِڙهِي جِيئَن وَڃَنِ

[۴۷٦/١] [پَرَ مُنِيَا ڀَهرِڻءَ چَادَرِ ۾ ڇَپَائُون گُهرجَنِ

[۴۷٦/٢] مَنْجهِيڻءَ ۾ نَاهِ اِحْتِيَاجُ سَنَدؤ تَنِ

[۴۷٦/٣] ‘اِمْدَادُ الْفَتَاحَ’ ۽ ‘مَتَانَةَ’ ۾ اِنَ پَرِ ٿَا لِکَنِ

[۴۷٦/۴] ۽ قَدَرُ گَرَانَتِ جو مُنِيؤ نَڏهِڻ ڇُونِ ڪَبؤ

[۴۷٦/۵] جَڏهِن وَڏِي مَيّتَ جؤ ڪَفَنُ سؤ هُونْدؤ

[۴۷٦/٦] ۽ ڄَاڻْ مَيِّتُ ڳَپَرؤ آڱُرَ چَارِ ڪِجي

[۴۷٦/۷] ڪَنَا قَدَرَ حَاجَتَ جي زائِدُ نہ گُهرجي]

[۴۷۷] پَيْرَهَڻُ پُورؤ ٻِنهِين پَاريِںْ ڳِچِيَانَ لائي ڳِرِينِ

[۴۷۸] نَہ ڪَا تَرِيزَ تِنْهِ ۾ نَہ ٻَانْهُونْ ڪِجَنِ

[۴۷۹] نَہ وَٽِ وَارِجِي تِنهجِي نَہ ڪؤ سِيبؤ آهِ

---

۴۷۵. نٖ ق. موڪرائِيَ. ۴۷٦/١ کان ۴۷٦/۷ تائين، اهي ست سٽون **ن** جي اصل متن ۾ موجود ناهن، پر پوءِ ڪنهن ٻئي لکندڙ صفحي جي حاشيي تي چوڏاري لکيون. **ق** نسخو پوءِ جو آهي انهيءَ ڪري ان جي ڪاتب لکيون، ۽ پڻ **ب**-١ ۽ **ب**-٢ جي ڇاپن ۾ آيون.

[۴٨٠] چَاڪُ تِنْهِجو آڌو ڪِجي اُيو ڪَرَڻُ ناهِ

[۴٨١] اُيو سِيني سَامَهُون آڌو ڏانهَ ڪُلهَنِ

[۴٨٢] ڪِجي ڪَارَڻِ عورَتِنِ اُيو پُڻُ ڪي چَوَنِ

[۴٨٣] چوٿون دَسْتَارُ تَنِ کي جي پَلا بُزُرِگوارَ

[۴٨۴] سَگُورَا سَيِينْ پَرِينْ آهِينِ عِزَّتَ دارَ

[۴٨٥] طُولُ تِنهِجو سَتَ گزَ شَرَعِي، جيڪي پَنجَ ڪِ تِري

[۴٨٦] سَندو تَهِينْ شَمْلو مَٿي مُنْهَ ڌَري

[۴٨٧/١] [پَرَ صَحِيُ قَوْلَ ڪتَابَ جي دَسْتَارَ ڪَرَاهَتَ هوءِ

[۴٨٧/٢] نوٽي مَيِّتَ پَلَنِ مَنجَها نوٽي ڪو بِئو

[۴٨٧/٣] ڪَفَنَ ۾ رَسُولَ ڪَرِيمَ جي دَستَارُ ڪونَہ هو]

[۴٨٨] گَزُ شَرَعِي چوئِيهَ آڱُرَ، آڱُرَ ڇَهه جَوْ

---

۴٨٣. **ن ق.** چُوٿُو، **ن.** بزرگوار. ۴٨٧/١ کان ۴٨٧/٣ اهي ٽي سٽون ن جي اصل متن ۾ موجود ناهن، پر پوءِ بئي ڪنهن لکندڙ حاشيي ۾ لکيون آهن. **ق ب-١ ۽ ب-٢** انهن ٽنهي جي متن ۾ لکيل آهن.

[۴۸۹] جَوْ سَپُڪوْ چَهَ وَارَ اَسُتَرِ، اِيُ تنڻهِ اَندَازوْ

[۴۹۰] ٻِئَا ٻَہ ڪَارَڻِ عَورَتيِنْ اَڳَرَا آهِين

[۴۹۱] هيڪُ سِينَابَندُ ٻِي دَامَنِي جَا نِقَابَ جِيئَ وَارِين

[۴۹۱/۱] [پَرَ طَرِيقَ ڏِڪَاڻَ دَامَنِيَ جِي هِنَ پَرِ ٿَا لِکَنِ

[۴۹۱/۲] جِئَنْ چِيرِي وَارَ ٻَہ چَڳُون ڪَرِي ڪُلهَنِ وَٿَا ڪَڍِجَنِ

[۴۹۱/۳] سِي ٻَئِي آڏِي عَورَتَ ڪِي ٻِنْ ٻُبَنِ وِچ رَکِجَنِ

[۴۹۱/۴] تِنڻه پُڄَاڻَا وِچَ دَامَنِيءَ جَوْ مَٿِي اُتَا رَکَنِ

[۴۹۱/۵] وَارَ مَٿِي جَا عَورَتَ جِي تِنڻه تَهِين سِين ڍَڪِجَنِ

---

۴۸۹. **ن.** اَسُتَر، **ق.** اَسـتَرِ . **ن.** ئِيَ، **ق.** ئِيُ (=اِيُ). ۴۹۱. **ن.** جِيءَ وارِيـن. **ق،** **ب-۱ ب-۲**: "هيڪ سينابند ٻي دامني جنه سين مٿو ڍڪِين." ۴۹۱/۱ کان ۴۹۱/۱۲. اهي جملي سڀنون نسخي **ن** جي متن ۾ موجود ناهن ۽ نہ وري پوءِ ڪنهن ٻئي ڪاتب ئي حاشيي ۾ لکيون آهن. **ق، ب-۱** ۽ **ب-۲** جي متن ۾ شامل آهن، جيتوڻيڪ ڄاڻايل ڪونهي تہ مخدوم محمد هاشم رح جون چيل آهن. مخدوم صاحب جي رسالي "اصلاح مقدمة الصلواة" ۾ البت هن مسئلي بابت وضاحت موجود آهي جنهن مان سمجهجي ٿو تہ اهي سڀنون پوءِ مخدوم محمد هاشم رح پاڻ منظوم ڪري ڏنيون تہ جيئن "مقدمة الصلواة" جو متن درست ٿي بيهي.

[۴۹۱/۶] آٿـي طَرْفَ تـِنْـهِ جَا كَاڏِيَ هـِيـٺ بَجَهـنِ

[۴۹۱/۷] ٿَانْڪوُ ڏِيـئِي پَاڻَ ۾ سـوُڙَهَا سـِي ڪـِجَنِ

[۴۹۱/۸] تـِنْـهِ پُڄَاڻَا پَلءَ دَامَـنِيَ جَا آٿـِي ڊِرْگَهَاڙِجَنِ

[۴۹۱/۹] مَـٿَـا چَـڳُنِ وارَنِ جـِي وِچا بـِنِ بـُبـَنِ

[۴۹۱/۱۰] جـِنءَ وَڃِي پِيرَاهَنَ ۽ دَامَـنِيَ وِچَ ۾ چَـڳُـونْ سـِي ٿـِيـَنِ

[۴۹۱/۱۱] پَرَ پَلءَ دَامَنِيَ جَا كَاڏِيَ وَٽَا مَـٿـِي ڏُونْـهُ نَـہ نـِجَنِ

[۴۹۱/۱۲] جـِنءَ ٿـِيـِي صُورَتَ نـِقَابَ جـِي جـِنـهِ جـِي مَـنْـعَ چَوَنِ]

[۴۹۲] سَنـدِي سـِينَابَـندَ تـِرِي گَزَ آهـِي ڊِرْگـهَـائـِي

[۴۹۳] كَـچَانْ لائـِي مُـونَـنِ سـِين تـِنـهِـجِي پَـهـنَائـِي

[۴۹۴] مَـتَـا كَـفَـنَ مـِڙهـِيـنْ ڍَكَـائـِبـوُ سـوُ

[۴۹۵] مَـيّـِتَ ڍَارِي چَرْخَ جـِينءَ وَٽـِي وِيـڙهـِبـوُ

[۴۹۶] جـِنـِي پُڄَـنِ پـِيـچَ تـِنْـهِ تـِتَ تـِرِي ٿَـانـكَا ڏِي

---

۴۹۱/۱۰،۱۲ ق. جِن (=جِنءَ). ۴۹۵. ن. مَيّتَ ڏاري، ق. مَيتَ ڍاري، ب-۱، ب-۲. ميت ڏاري،ونـي ويڙهيو. ۴۹۶. ن ق. ٿَانڪا.

[۴۹۷] مَنَان پَنهِجِي مَاگَ ڪَان، ڪَٽَڻَ وِير ڪِهِي

[۴۹۸] ڊِرِيگهُ دَامَنِي بَہ گزَ شَرَعِي پَهْنُو هِيڪَ گرِانِ

[۴۹۹] حَدُونْ شَرَعِي سَپِ سِڪِجَنِ مُورِ نہ ڪِجِي مَانِ

[۵۰۰] ڪَنِي گرَانُونْ بہ چَيُون پَهنُو دَامَنِيءَ

[۵۰۱] تَہ مَتَنُوَ مِرْزُوئِي ڊِڪِي تَا ڪِيَاڙِيَ سِينءَ

[۵۰۲] سَتَرُ پوَشُ مَيّتَ ڪِي جوَ غُسْلَ وِيرَ وِجَهنِ

[۵۰۳] وِبلُ تِنهِ جوَ پُنْ بَہ گزَ شَرَعِي،ڊِرِيگهُس ڏِيدِ چوَنِ

[۵۰۴] اِنَهانْ اُوڻوَ اڳِروَ جِي ڪَنَا ڪِنْهِ تِئوَ

[۵۰۵] تہ ڪَر تِنهِ مَيّتَ سين تَعْدِي ظُلْمُ ڪِئوَ

[۵۰۶] اِي اَنْدَازَ ڪَفَنَ جَا جِيڪوَ شُمَارِي

[۵۰۷] تَہ ڪَدِي ”ڪِتَابُ چَلِپِي“ تِنهِ ۾ نِهَارِي

۴۹۷. ن ق. ڪِهِي= ڪِسي، ڪِسڪي. ۴۹۸. ن ق. ڊريگهُ (گهہ جي پيش سان).
۵۰۱. ن. ڪياڙِي، ق. ڪِياڙِيَ. ۵۰۲. ن ق. وِجَهنِّ. ۵۰۵. ن. ظُلْمْ، ق. ظُلْمُ.
۵۰۶. ن ق. اِي.

[٥٠٨] ڪَفَنُ گِپُوْرَنِ جؤ بہ پُوتَارَا ڪِجَنِ

[٥٠٩] جي ڪَارَڻِ پُنَڙِي هيڪُ ڪِجي تہ پُڻْ رِهاءِ تَنِ

[٥١٠] پَرَ چَنْگِيتَ مِثلِ بَالِغِين ڪَفَنُ تَنِ ڪِجي

[٥١١] آهي اَفْضَلُ اُو گهٽُوْ مَرْ سؤئِي ڊِڪَائِجي

[٥١٢] ڪَفَنُ ڪِفَايَتَ بہ گَندِيُون مُڙْسَ ڪَارَڻِ چَاڻُ

[٥١٣] هيڪُ لِفَافؤ بِئؤ ڪِجي ڪَارَڻِ تَنْهِ پهراڻُ

[٥١٤] ۽ عَوْرَتَ ڪَارَڻِ اگُرِي تِرِيْ دامَنِي آهِہ

[٥١٥] ڪَفَنُ ضَرُوْرَتَ جيڪِينْ لِپِي اُتي تَنْهِ پُڄاءِ

[٥١٦] هَاٿِي سَا هِيِنْ لاءِ، ڪَفَنُ پَرَاهجي پَرِجَهِيِنْ

[٥١٧] پَرَاهِجي پَرِ جَهِينْ ڪَفَنُ مَيّتَ ڪِي

[٥١٨] سَا پَرْ سُونْهارِي سَيُڪؤ مؤمِنُ مَرْ سِڪي

[٥١٩] پِهرائِينْ واسِي ڪَفَنَ ڪِي ذَارؤ ذَارَ ڪَرِي

---

٥٠٨. ن ق. ڪِجَنِّ. ٥١٦. ن ق. پَرَجَهِم. ٥١٨. ن. پَرْ، ق. پَرِ، ن ق. مَرَ.

[٥٢٧] تَانـپِي چوُرِي چَاڪَ ڪِي ڪَرِي ڪُشَادُ

[٥٢٨] رَکِي تِنهِ چَاڪَ اُتِي مَٿُوُ مَيِّتَ جوُ

[٥٢٩] رَکِي مَٿوُ چَاڪ مَٿِي پَيْرَهَڻُ پَائِيسِ

[٥٣٠] ڪُلِهَاںُ لائي پِيرَنِ سِينءَ نِيئِي رَساٽِيسِ

[٥٣١] ڪَارَڻِ ڪَفَنَ مَيِّتَ ڪِي اِيَهِين سُمَهَارِي

[٥٣٢] جِيَهِين غَاسِلُ تَخْتَ اُتِي وِجهِي وِهْنجَارِي

[٥٣٣] مَٿوُ مَشْرِقَ سَامَهوُن پِيرَ مَغْرِبَ پَارِ

[٥٣٤] مَٿِي ڪَفَنَ مَيِّتَ ڪِي سَئوُن وِجهِي سِينگَارِ

[٥٣٥] چِيرِي وَارَ ٻَـ چَگُون ڪَرِي ڪَدِي ڪُلهَـنِ ڪَا

[٥٣٦] رکِي اُرَهِ عَوْرَتَ جِي پَيْرَهَڻُ مَٿَا

[٥٣٧] ٻَانْهُون ٻَئِي ڊِرْگهِيُون ڪَرِي پَاسَنِ ۾ ڏِجَنِ

---

٥٢٧. ن ق. تاپي چُوري. ٥٣٠. ن ق. ڪُلا لائي، ن. پير، ق. پيرن. ٥٣١. اِيَهِم (=اِيَهِين). ٥٣٢. جِيَهِم (=جِيَهِين). ٥٣٣. سَامُهُم (=سامُهُون).

[٥٣٨] نـہ رَکـِجَنِ اُرَہَ اُتـِي، کـَافـِرَ جِيِنءَ رَکـَنِ

[٥٣٩] وِجهِي سُرَاهِي سرَ اُتـِي ۽ پُنْ ڏَاڙِهِيءَ مِي

[٥٤٠] مَٿوَ ڏَاڙِهِي مَيِّتَ جِي مُعَـطَّرَ کـَرِي

[٥٤١] کـِجي سَجَدوَ جَن سـِيـن رَبَّ پـَهنـجي کـِي

[٥٤٢] کـَرِي کـَافُـوْرُ سَنَهـڙوَ اوْهِـي مَاڳِ مَکـِي

[٥٤٣] تـَانـٿـِي لِکـِيـسِ رِي مَسُ شَهَدَ آگرُ سَاڻِ

[٥٤٤] "بِـسْمِ اللّهِ" نِرَاڙَ اُتي ۽ کـَلِـمُـو اُرَہَ تـَرَاڻِ

[٥٤٥] تـہ عِزَّتَ کـَلِمِي عَزِيزُ ڏَٽِي عَفْـوُ اُنِ کـَرِي

[٥٤٦] بَرَکـَتَ "بِـسْمِ اللّهِ" جِيءَ ڏَاتَارُ ڏوْهـہ مَـرَهِي

[٥٤٧] بِـئَا پُنْ کـَڙي پَاکَ سـِيـنْ حَرْفَ هِي لِکـِي

[٥٤٨] مَٿِي پـَيـْرَهَنَ مُرْتـَضَـيٰ عَـلِـيِّ چـِيَا جـِي

وَفَـدْتُّ اِلـَي الْـكَرِيْـمِ بِـغَيْرِ زَادٍ

---

٥٣٨. **ن ق.** کافرَ. ٥٤٢. **ن.** اوهي مَاڳَ. **ق.** اُوهِي مَاڳُ. ٥٤٤. **ن ق.** ارَہَ ترَانِ.

٥٤٨. **ن.** علي، **ق.** عَلِيِّ.

مِنَ الْحَسَنَاتِ وَالْقَلْبِ السَّلِيْمِ
وَحَمْلُ الزَّادِ اَقْبَحُ كُلِّ شَيءٍ
اِذَا كَانَ الْوُفُوْدُ اِلَي الْكَرِيْمِ

[٥٤٩] آهِي اُميدَ اِنَ ۾ گهٽُو موچَارِي
[٥٥٠] مَانَ مَولوَ ڀَاجَهه ڪَرِي ڇُٽِي ڏوهَارِي
[٥٥١] تِهَا پوءِ مَنْجِهِينءَ چَادَرِ سِين مَيِّتَ کِي ڍَڪِي
[٥٥٢] ڏَائو پَارُ هِيٺِ ڪَرِي، جِيَٽو مَٿَا ڏِي
[٥٥٣] تِهَا پوءِ چَادَرِ ڀَهرِين، تَهِا پوءِ سِينَابَندُ
[٥٥٤] مَٿَا ڪَفَنَ مِڙهِينْ سَندو جِهِينْ هَندُ
[٥٥٥] اِنَ پَرِ پيچِي ڪَفَنَ ۾ پَٽيُون تِرِي ٻَڌِيسِ
[٥٥٦] پَرَنِي پَهنجِي رَبَّ کِي قَبَرَ ڏَانهَ ڪَڍِيسِ
[٥٥٧] مَيِّتَ کِي مَنْزِلَ ۾ تَانْ جِي رَاتِ پوءِ
[٥٥٨] تَه لَوهُ رکِجِيسِ پيٽَ اُتِي مَتَانْ سُجِي سوءِ

٥٥١. ن ق. مَنجِيئَي. ٥٥٣. ن ق. ڀَهر (=ڀَهَرِين). ٥٥٤. ن ق. مِرهِمْ..... جَهِمْ.

[٥٥٩] وِٻهي رَهِجي وَٽ تَهِين ڪِجي نـ هيڪَلو

[٥٦٠] مَنَانْ نُقْصَانُ تِنهِ ڪَري ٻِلِيْ ڪـ نُورُ ڪُٺو

[٥٦١] جي مَيّتَ مَنْجَهَا نِڪَري ڪِينْ غُسَلَ جي پُڄَاڻِ

[٥٦٢] جَانْ آهي مَيّتُ تَخْتَ اُتي تَانْ ڏوئيس پاڻيءَ سَاڻِ

[٥٦٣] ۽ جي وَقْتِ ڪَفَنَ جي تـ اُگهي سِينْ ڪَڙي

[٥٦٤] پَرَ جي نِڱِيؤ وَاتَ ۾ تـ پيؤ مَ ڪو ڪَري

[٥٦٥] ڪِجي نَمَازَ تِنهِ سين ڏوئَڻُ حَرَجُ هوءِ

[٥٦٦] سَبَاجهي سَپِيڻْ پَرِينْ آهْڪُ عَفْوُ ڪيوءِ

[٥٦٧] ڪَري نَمَازَ جَنَازي جِي قَبَرَ ۾ آڻِين

[٥٦٨] تِربِئي پَٽيُون گُوَرَ ۾ مَرْ اُکُولِي لاَهِينِ

[٥٦٩] ڪَڍِيُون جَنِ ٻَهرِ سي پُونْ ۾ مَ سَاڙِينِ

---

٥٥٩. ن ق. تَـهِہُ (=تَهِين). ٥٦١. ن. پـجاناُ ق. پُڄانا. ٥٦٢. ن. ذوئِسَ، ق. ذوئِسِ، ن. سانِ، ق. سانُ (ساڻ). ٥٦٩. ن ق. ڪَڍِيو (=ڪڍيون).

[٥٧٠] اَچَنِ مَانَ ڪَمِ ڪَهِينْ نَفْعُ رَسَاٽِينِ

[٥٧١] اُت اِحتِياجُ پَٽِيَ جوُ ڪوُنهِي ڪَهِين ڪِي

[٥٧٢] سَڀَاجهوُ سَيِينْ پَرِينْ مَرهِي مَڙَنِي ڪِي

[٥٧٣] غَاسِلُ پُڻْ غُسْلُ ڪَرِي ڪِ توُڙِي وُضُوْ

[٥٧٤] پَرَ غُسُلَ پُڄَاٽَا جِي ڪَرِي تَہ اَفْضَلُ آهِي اُوْ

[٥٧٥] مَتَان چَنْڊُون غُسْلَ جِيُون پِيِيُون ڪِي هُوَنِ

[٥٧٦] ڪَنَا تَنِي پَاڪُ ٿِيِي ڌوُبِي سِي لَهَنِ

[٥٧٧] اِيْ اَحْڪَامَ غُسْلَ جَا جِي پَڙهِي پَرُوڙِينِ

[٥٧٨] شَالَ شَفَاعَتَا سَرْوَرَ جِيءَ خَالِي سِي نَہ ٿِينِ

[٥٧٩] اَبُوالحَسَنَ اُمِيدَ اِنَ حَرْفَ لِکِئَا هِي

[٥٨٠] تَہ غَاسِلَ ۽ مَغْسُوْلَ ڪِي مَولوٰ شَالَ مَرهِي

---

٧١ – ٥٧٠. **ن ق.** ڪَهِمْ (=ڪَهِين). ٥٧٣. **ن.** ڪِ تُورِي وضُو، **ق.** ڪِ تُونهِي وُضو، **ب–١** ڪِ توٽي سو وضو. ٥٧٤. **ن.** غُسُلُ، **ق.** غُسُلَ. غسل پڄاٽا= ميت جي غسل کان پوءِ. ٥٧٥. **ن ق.** غسلَجِيٌ (= غسل جيون)

[٥٨١] پَاڻِ پُڻْ پُنِيءَ تَنِ جِيءَ آهِي اُمِيدوَارُ

[٥٨٢] نہ مَانَ مَرِهِيسِ مُلْڪَ ڌَڻِي سَباجهُو سَتَّارُ

[٥٨٣] مُنَاجَاتَ سَنَدِي مُومِنِين قَادِرُ ڪَرِي قَبُولُ

[٥٨٤] حُرْمَتَ حَبِيْبَ مُصْطَفيٰ جَوْ سَندوْ رَبَّ رَسُولُ

[٥٨٥] ڪَرِي اُمِيْدَ عَفْوَ جِي ڪَلِمُو جِي چَوَنِ

[٥٨٦] سَائِيںْ سَبَاجهوْ ڌَڻِي مَولوْ مَرِهِي تَنِ

لَا اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ

## [باب ٻئو نَمَازَ جو*]

[٥٨٧] پُنوْ پِهروْ بَابُ اِيءُ جوْ وُضُوءَ غُسْلَ جوْ

[٥٨٨] هَاڻِي پَڙهہ نَمَازَ جوْ ڀَڳُڻَ بَابُ ٻِئوْ

---

٥٨١. ن. پُنّيءَ (=پُنيءَ)، ق. پُنِيءَ (= پُنِيءَ)، ن. اميدِوارُ، ق. اميدَوارُ. ٥٨٣. ن ق. مُؤمِنٍ. ٥٨٥. ن. ڪَلِمُو، ق. ڪَلِمُون. * ن ق ب-١ ۾ باب ٻئي جو عنوان ڏنل ڪونهي. ب-٢ جي حاشيي ۾ عنوان ڏنل آهن. ن ق ب-١ ۾ هن ست بعد ڪلمو وچ تي ٻن سٽن ۾ چٽو ڪري لکيل. ٥٨٧. ن. ئِيءُ، ق. ئِيُ (=اِيءُ)، ن. غُسلجو.

[٥٨٩] تہ ٿِيَئِي نُورِ نَمَازَ جِي اَندرِ سَهَائو

[٥٩٠] تِنہِ سَهَائِي رَاهَ لَهِينْ پَسِينْ پِريَانْ لوءُ

[٥٩١] جَنِينْ نِيهُ نَمَازَ سِين هِيَانْ هِيجُ ٿِئو

[٥٩٢] مُنْهُ تَنِ جو مَولو کَندو چوڏهِينءَ چَنْدرَ جِهو

[٥٩٣] کَرِيو نِيهُ نَمَازَ سِين کَاهِلَ کِيمَ ٿِيو

[٥٩٤] طَلَبَ ۾ تَوفِيقَ سِين اُيَائِي آهِيو

[٥٩٥] پُورِي کَندو پَاتِشَاهَ آسُون مَ لَاهِيو

[٥٩٦] شَالَ چُتَنْدا مومِنَ مِڙئِي کَلمُو جَنِ چِيو

[٥٩٧] بِئو بَابُ نَمَازَ جو جَا چوٽَکِي رَاهَہ

[٥٩٨] فَرضُ مَٿِي مُؤمِنِينْ فَرمَائِي اللّٰہَ

---

٥٨٩. **ن.** ”تَتِيَي نُورِ نَمَازَ جي اَندرِ سَهائو“ ، **ق.** تَتِيِي نُورُ نمازَ جو جي اَندرِ سَهَائو“ ”**ن**“ جي پڙهڻي صحيح آهي. معنيٰ تہ: ”نماز جي نور (سان) اندر سهائو ٿِئيئي.“ ٥٩٢. **ن.** چوڏهيَ چندرُ، **ق.** چوڏهِيَ چنڊُر. ٥٩٦. **ن ق.** مُؤمِنْ. ٥٩٨. **ن.** فَرمائِي اَللّٰہُ تَعَہَجَلّ جلاله، **ق.** فرمائي اللّٰہُ تعاليٰ جَلّ جلاله.

[٥٩٩] فَرْضَ تنِنه جَا كينَرا ۽ واجبَ چَاڙيجِ

[٦٠٠] سُنَّتُون ۽ مُسْتَحَبَ پڙهِي سَپُ پَارِبجِ

[٦٠١] پَرَ پَارِ پَرُوڙِي پِهرا فَرْضَ فَهمِي سِي

[٦٠٢] رَوَا ناهِ نَمَازَ كَا سِكِبِي جَنِي رِي

[٦٠٣] اَوَلِ اَوْقَاتَ نَمَازَ جَا سِكِئَا سِي گهُرِجَنِ

[٦٠٤] مَدَارُ مِڙهِينْ نَمَازَ جوْ اُتِي آهِي جَنِ

[٦٠٥] تَان جِي كِجِي كَذهِينْ آڳَاتِرِي وَقْتَا

[٦٠٦] نَہ اَدا اُوْ نَمَازَ تِيِي نَہ تِيِي سَا قَضَا

[٦٠٧] جِينءَ رُوزَا رَمْضَانَ جا رَكِي كوُ شَعْبَانَ

[٦٠٨] نَہ اَدَا تِينَ نَہ اُنَ جا مَگَر ۾ رَمَضَانَ

[٦٠٩] توُڙِي بَانگوُ بَانگَ كِي پڙهِي آڳَاتِرِي

---

٦٠٠. **ن** ۾ هيء سٽ حاشيي ۾ لکيل. ٦٠١. **ن**. پَرُ، **ق**. پَرَ. ٦٠٢. **ن ق**. سِکِي جَنِ رِي. ٦٠٣. **ن ق**. اَوَلِ. ٦٠٥. **ن ق**. کَذهِہِ، **ن**. اکاترِي، **ق**. اکاترِي. ٦٠٩. **ن**. پَرِي آکَاتري، **ق** پَرِي اکاترِي.

[٦١٠] تہ پري نہ سنديس بانگ سا پڙهي مر بئي

[٦١١] ڪري اوسيڙو اڳ م هي جي سڪئا سي

[٦١٢] سائينْ سباجهو ڏٺي تُسي تني کي

[٦١٣] وَقتُ صُبحَ نمازَ جو پرهہ ڦٽيان پوءِ

[٦١٤] جيسينءَ سجُ نہ اُيري تيسينءَ رهاءِ ٿو

[٦١٥] جُهہ سجُ متان موٽئو تہ آئي اڳينءَ وير

[٦١٦] ڪجي تحقيقُ تنهِ کي پاڇو ڳٽي پير

[٦١٧] سندو پاڇو سيڪهينْ جيسينءَ ڪمي ڪري

[٦١٨] تيسينءَ وَقتُ نہ آئيو، جُهہ پُڻ سو وري

[٦١٩] تہ آيو وَقتُ اڳينءَ جو، سو تانْ تيسين هوءِ

[٦٢٠] جئنْ اصليءَ اُتي مثلين ٿئي پرمثلُ مُعتبرُ چوءِ

[٦٢١] اصلي چئجي اُن کي جئان ئي سجُ وري

---

٦١١. ن. انگمي هيجي، ق. انگم هيجي. ٦١٧. ن ق. سيڪهمْ (=سيڪهين)

١٩ -٦١٨. ن. جيبئي- تيبيـــ

[٦٢٢] اُونهارِي اوڏو هوءِ سِيارِي پرِي

[٦٢٣] ”مِثلُ“ پاڇو هيڪڙو، مِثلين قدُ ٻہ تامَ

[٦٢٤] مِثلُ قولُ صاحبيہ، مِثلِين چيو امامَ

[٦٢٥] اَچِي وَقتُ وِچِينءَ جو اِنَ اِختلافَ اُتا

[٦٢٦] جيسِينءَ سِجُ نہ اُلَهِي تيسِينءَ رِهاءِ سا

[٦٢٧] سِجُ اُلَٿو سانجهِي ٿِي، جيسِينءَ سا ڳاڙاهِي

[٦٢٨] ڪِ ڪا اَچائِي اَپَ مِ جهُ پُڻُ سا وِبِئِي

[٦٢٩] تہ سوَمهٽِي صَحِيحُ ٿِي سا سَپَ رات رِهاءِ

[٦٣٠] جيسِينءَ پِڙهَ پيدا نہ ٿِيي وَجِي رات وِهاءِ

[٦٣١] آهِين اوقاتَن مِ ٻِئا پُڻ مُسْتَحَبَ

[٦٣٢] چَنگِيتَ طاعَتَ تَن مِ ڪِجِي ڪارَڻ رَبّ

[٦٣٣] صُبْحَ جِي ساهِي ڪِجِي ۽ اَڪِي اُونهارِي

---

٦٢٥. ن ق. اخْتلافَا اُتا. ٦٢٨. ن ق. جُپُنْ= جُهُ پُڻْ. ٦٢٩. ن. سَپَ، ق. سَپِ. ٦٣٠. ن ق. وَجِن راتِ وِهاءِ. ٦٣١. ن. اوقاتن مي. ٦٣٣، ن. ۽ اڪِي اُوناري، ق. اڪِي اُونارِي.

[٦٣٤] كِجي ٿَڌي ڏِينَهَ ۾ سِگهِي سِيارِي

[٦٣٥] وِچِينْ وَڏِي وَقتَ ۾ جِئَن سَائُو سِج نَہ هُوءِ

[٦٣٦] سَانْجِهي سَوَارِي گهَٽُو، جِئَن تَارُو تُورُو كُوءِ

[٦٣٧] سُومَهَٽِي سَا پُٺ كِجي اَڳِي اَڌَ رَاتَا

[٦٣٨] جِيئنءَ ٿِرِي ياڳِي رات ٿِيِي تَہ اَفْضَلُ آهِي سَا

[٦٣٩] وِٽُرُ آخِرِ راتِ ۾ چَنْگِيتَ كَرِي سُوُ

[٦٤٠] جِنْهِ پِرُؤسُو جَاڳَڻَ اُتِي بِئَنِ سَوَارُوُ

[٦٤١] وَقْتَ سَيِيئِي سَفَرَ ۾ سَوَارَا كِجَنِ

[٦٤٢] آهِي مَاكَبُ مُشَقَّتَ جوُ سَفَرُ كِي سَيِّنِ

[٦٤٣] عَصْرِ عِشَا وَقْتَ بِئِي كِجَنِ كَكَرَ ڏِينْهَ

[٦٤٤] سِگها سَوَارَا گهَٽُو مُنْدَ وَسَنْدِي مِينْهَ

[٦٤٥] اَڳِينْ سانْجِهي صُبْحَ سَنْدِي تَاخِيرُ تَنِ رَوَا

---

٦٣٥. ن. سَاؤُ سُجِ، ق. سَاؤُ سِجُ (=سجُ). ٦٤٢. ن ق. سَيَنِ (ايئن).

[٦٤٦] پَرَ اَوِيرَ ڪَجِي نَہ اهَڙِي جِنءَ وَجِي ٿِيَن قَضَا

[٦٤٧] هَاڻِي هِنَ اُنَا ، پَڙهُہ فَرَائِضَ نَمَازَ جَا

[٦٤٨] پَنْجَ وَقْتَ نَمَازَ جَا ثَابِتُ صَحِيُ ٿِئَا

[٦٤٩] حُڪْمِ حَدِيْثَ نَصَّ قُرْآنَ ۾ اُمَّتَ جِي اِجمَاعَ

[٦٥٠] تَانْپِي تِنْهِ جَا عَالِمِينْ پَنرَه فَرضَ چَيَا

[٦٥١] نَاهِ نَمَازُون تَنِ جِيُون جِيڪِي سِي نَہ سَڪِئَا

[٦٥٢] ۽ جَنِي پَڙهِي پَارِئَا چُنَا سِي سُورَا

[٦٥٣] ڏِيندوَ وَڏَائِي تَنِ کِي سَائِينْ بَاجهَہ مَنجهَا

[٦٥٤] اَتَ اُنِي کَان ٻَهرِيَان ۽ اَندَرِ سَتَ ٿِئَا

[٦٥٥] اَتَ فَرْضَ جِي ٻَهرِيَان اُنِ نَالوُ اَحْڪَامَ

[٦٥٦] پَڙهِي سَپِيئِي پَارِ سِي پُورَا پَرِ اِسْلاَمَ

---

٦٤٦. **ن.** اهڙي، **ق.** اِهَڙِي، **ن ق.** ٿِيَنِ (ايئن). ٦٤٧. **ن ق.** پَڙ (=پڙهہ). ٦٤٨. **ن ق.** صَحِيُ (ائـين). ٦٥٠. ن ق. تَاپِي، **ن ق.** پَنَرَه (=پـندرهن). ٦٥١. **ن ق.** ناهِ (ائين) ٦٥٣. **ن**= ڏيندو وڏائي، **ق.** ڏيندو ڏاتيون. ٥٥ -٦٥٤. **ن ق**= اَتَّ- سَتَّ.

[٦٥٧] پِهرو پَرُوڙِ وَقْتَ کِي پِئو تَنُ کَرِج پَاکُ

[٦٥٨] تِرِي پُڻْ پَاکِي کَپِڙِي، چوُٿوُن طَاعَتَ مَاکُ

[٦٥٩] پَنْجَئِينْ عَوْرَتَ ڍَکِ تُون سَارِي سِکُ سُجَاڻُ

[٦٦٠] ڇَهِينْ مُهَاڙِ قِبْلِي، سَتَئِينْ نِيَّتَ جَاڻُ

[٦٦١] اَٺَئِينْ اَوَّلِ تَکْبِيرَ چوُءُ، جَا آهِي اُتَائِنِ

[٦٦٢] لِکِي اَحْکَامَنِ ۾ اِمَامَ اَعْظَمَ کَنِ

[٦٦٣] سَتَ فَرْضَ جِي مَنْجِهِيَا آهِينِ اُوءِ اَرْکَانَ

[٦٦٤] سِي پُڻْ سِکِي يَادِ کَرِ مُؤمِنَ مُسلمَانَ

[٦٦٥] قِيَامَ، قِرائَتَ، رُکُوعُ ٽِرئو، چوُٿَا سَجدَاسِ

[٦٦٦] پَنجُون پويُون قَعدو، ڇَهِينْ تَرتِيبَاسِ

[٦٦٧] سَنُون نِکَرُ نمَازَ کَنَا کَرِي فِعْلُ کوءِ

---

٦٥٧. ن ق. کَرِجْ. ٦٥٨. **ن ق.** چُوٿُو. ٦٥٩. **ن.** پَنجَّئِي، **ق** پَنجَئِي، **ن ق.** تُنْ (=تون)، **ن.** سُجَانَ، **ق.** سَجَانَ. ٦٦٠. **ن.** مَنِيءِ نِيّت جَانُ، **ق.** مَتئِّي نِيَّت جَانُ.
٦٦١. اُتائن= انهن جي اتان، انهن کان مٿاهين ٦٦٢. **ن ق.** لِيکِي (=لِکِي؟)، ن ق. کنّ.
٦٦٤. **ن ق.** کَرْ. ٦٦٦. **ن ق.** پَنجَا، ن ق. ڇِهِمْ. ٦٦٧. ن ق سَتَّا، ن. نِکَرْ، ق. نِکَرُ.

[٦٦٨] توڻي سَلاَمُ کِ کَلاَمُ کوْ توْڙي کِيَنْ بِئوْ

[٦٦٩] اِي پَنَرَهِي فَرْضَ ٿِئَا ، هَاڻِي وَاجِبَ ڄَاڻُ

[٦٧٠] تَہ تُسِي ڏِيهہَ ڏَٽِي سَبَاجهوْ سُلْطَانُ

[٦٧١] وَاجِبَ جِي نَمَازَ جَا آهِينِ اُوءِ ايکِيهہَ

[٦٧٢] پُڇُ تَہ پئُوئِينْ پِپِچَرِي وَجَاءِ مَ وِسَرِ ڏِينهَ

[٦٧٣] سَتَ تَنِي کَان سَيَکَهِينْ نَمَازَ ۾ نَمَازِي لاءِ

[٦٧٤] ۾ کَارَڻِ کَنِ نَمَازِيِن چوْڏَهَن چُونِ بِئَا

[٦٧٥] کَنَا سَنِيِن پِهرِيِنْ جِي سَتَ آهِينِ عَامَ

[٦٧٦] اَکْبَرُ اَوَّلِ تَکْبِيرَ ۾ پَڙُهہ سِين سَائِينءَ نَامَ

[٦٧٧] بِئوْ وِهَڻُ پِهرِيَنِ بِنِ رَکَعتِيِنْ، جِي ٽِرِي هُونِ کِيَنْ چَارِ

[٦٧٨] ٽِرِئوْ تَحِيَّاتُ تَمَامُ پَڙُهہ قَعْدَنِ بِنِي وَارِ

---

٦٦٨. **ن.** کلامُ کَرِ توري، **ق ب-١** = کلام کو توري ٦٧٠. **ن.** سلطانَ جو سلطانُ، **ق ب-١** سباجهو سلطانُ. ٦٧١. **ن.** ايئن، **ق.** سباجهو سلطان. ٦٧٢. **ن ق.** وجَائِمَ. ٦٧٣ **ن ق.** سَتَّ. ٦٧٦. **ن.** اَوّل، **ق.** اوّلَ. ٦٧٧. **ن.** رَکعَتِ، **ق** رَکعَتِ. ٦٧٨. **ن ق.** بِنِ.

[٦٧٩] چوٿون رُڪُوعَ سُجُودَ ۾ ڪَرَڻُ وِبرمَ ڪا

[٦٨٠] قَدرُ تَسْبِيحَ هيْڪَڙِيءَ توَڙِي ترِي پيرا

[٦٨١] پَنْجُون فَرْضُ فَرضَ هَندَ ڇَهُون وَاجبُ جاءِ

[٦٨٢] سَنُون لَفْظَ سَلاَمَ سِينْ نڪرَڻُ نمَازَاءِ

[٦٨٣] هَاٺِي هِينِ لاءِ سِي جي چوڏهَن خَواصَ چيا

[٦٨٤] ڪَارَڻِ ڪَنِ نمَازِيِن نمَازَ ۾ تِئَا

[٦٨٥] تنَئان ڪَرَڻُ قِرَائَتَ ڪِي مَنجهِ پِهرنِ بنِ تَعينُ

[٦٨٦] ءِ پُنْ پِهرنِ بِنِ رَڪعَتُنِ ۾ فَاتحَه ڪَرِ يقِينِ

[٦٨٧] ترِئوَ فاتحَه پَڙْهِ مَ فَرْضَ ۾ پِيرا هيڪُ بِئوَ

[٦٨٨] چوٿون فاتحَه سِين سُورَتَ ڪِي جوڙجِ ضَمُّ ڪئوَ

---

٦٨٠. **ن ق.** توري (=توڙي). ٦٨١. **ن** ، پنجا، **ق.** پَنجَا. **ن ق.** ڇَهُمْ، **ن.** فرضَ فرضَ... واجبُ واجبُ، **ق.** فرضُ فرضَ... واجبُ واجبَ. ٦٨٢. **ن ق.** سَنَا. **ن.** نڪرَ، **ق.** نِڪرَن. ٦٨٥. **ن ق.** جي اصل پڙهڻي: "تنئا تَعينُ ڪَرَڻُ قِرائَتَ ڪي مَنجهِ پِهرنِ بِنِ" (ائين). ٦٨٦. ن. ڪَر يَقِينُ، ق. ڪَر تَعِينُ. ٦٨٧. **ن.** هيڪَ. ٦٨٨. **ن ق.** جُورجِ.

[٦٨٩] جيڪي وَڏي آيتَ هيڪڙي نَاتَ نَنديُون ٽري

[٦٩٠] ۽ جي اِنَا اُوٺوُ ٽيئوُ تہ سَجدَا سَهوَ ڏِي

[٦٩١] پَنجُون پِهرَائِين قِرَائَتَ ڪَان پَڙهَڻُ فَاتحَا

[٦٩٢] ڇَهُون وِترَ ٽِريءَ رَڪعَتَ ۾ سُورا پوءِ دُعَا

[٦٩٣] سَتوُن پَڙهَڻُ پَڌروُ جِت پَڌرِي جاءِ

[٦٩٤] اَٺوُن ڳُجهوُ ڳُجهہَ ڪِي پَڙهُہ مَ پَڌَريءَ واءِ

[٦٩٥] اِي بَئِي حَقِّ اِمَامَ جِي، مُنفَرِدَ حَقِّ مَ پَاءِ

[٦٩٦] مُنفَرِدَ ڪِي مُستَحَبُ سَارِي نُون سَمُجهَاءِ

[٦٩٧] پَرَاصَحُّ قَوْلُ ڪِتَابَ ۾ آهِي هِيءُ لِکئوُ

[٦٩٨] تہ ڳُجهِي مَاڪَ ڳُجهوُ پَڙهَڻُ وَاجبُ سِيَن ٿئوُ

[٦٩٩] پُونِ سَجِدَا سَهوَ جا جِي پَڌَروُ ڪَهِين پَڙهيوُ

---

٦٩٠. ن ق. اِنَا (=اِنِهَان). ٦٩١. ن ق. پَنجا. ٦٩٢. ن. جَهُ، ق. ڇَهُمَ. معنيٰ: ڇهون تہ ٽِريءَ رڪعت ۾ سورت ڪان پوءِ ("سورا پوءِ") وتر دُعا (پڙهڻ). ٦٩٣. ن. سَتا، ق. ستّا. ن. جاءَ. ٦٩٤. ن. اٺا، ق. اَٺّا، ن ق. واءَ. ٦٩٥. ن. حَقِ، ق. حَقِّ. ٦٩٩. ن ق. ڪَهِمَ پڙهيو.

[٧٠٠] نوُئُونْ مَاتْ مُقْتَدِيِين اِمَامَ پڙهَندي پَاڻَ

[٧٠١] ڏهُون ڏِيَڻُ سَجدِوَ تِلاَوَتَ قُرآنُ

[٧٠٢] اِڪَارَهُون اِمَامَ سِين رَسَڻُ سَيَڪَهِنْ حَالِ

[٧٠٣] وَاجِبُ مَٿِي مُقْتَدِيِينْ تَحرِيمَا پُڄَاڻِ

[٧٠٤] ۾ جَاڙَ پَنهجِيءَ جي ڪَهِينْ جوُتي اَڳِي تَڪْبِيْرَا

[٧٠٥] تِنهْ وَجَايِوَ وِيسَرِي مُسْتَحَبُ هَٿَا

[٧٠٦] ٻَارَهُون ٻُجُهہ نَمَازَ ۾ عِيدَ تَڪبِيرُونْ اُوءِ

[٧٠٧] هَٽِجَنِ جي هَٿَ ڪَٽِي پِهِرِيءَ ڪَنَا پوُءِ

[٧٠٨] تيرَهُون تَڪبِيرُون عِيدُنِ جي رُڪُوعَ جيُون لِڪَنِ

[٧٠٩] جوَ رُڪُوعُ رَڪْعَتَ ٻِيءَ جوَ پِهرِوَ مَ پڙهِيوَ جَنِ

---

٧٠٠. ن. نُوءُ، ق. نَوءُ (=نوئُون). ٧٠١. ن ق. ڏهُمْ (=ڏهون)، ن. سَبَڪَہ، ق. سَيَڪَهِمْ. ٧٠٢. ن ق. اِڪَارَهُمْ (=اِڪَارَهُون). ٧٠٤. ن. جارَ، ق. جَاڙَ، ن. جِيڪَہ جَنرُءُو، ق. جِيڪَہِ جَنرِءُو، ب-اجاڙَ... جَنرؤَ. ٧٠٥. ن. وَجَايو، ق. وَنْجايو. ٧٠٦. ن ق. پَارَهُمر. ٧٠٧. ن ق. هَجَنِ (=هٽجن). ٧٠٨. ن ق. تيرَهُمر (=تيرهون)، رڪوع جِيَّ= رڪوع جيون. ٧٠٩. ن ق. پِهْرُو.

[٧١٧] تـہ پُورِي ٿِيـِي نَمَازَ تنؤ وَڄِي نـہ وِڻوانْدِ

[٧١٨] تَانْپِي لَنْگهِي لَـڪِيُونْ لَڳِينْ رَسُولَ پَانْدِ

[٧١٩] سَجِدِي سَهْوَ نَمَازَ ۾ پَنْجِين ٿوْڪِينْ پوْءِ

[٧٢٠] جِنءَ وَاجِبُ تَرَڪُ ٿِيِي ڪِ تَاخِيرُ تنہْ جوْ هوْءِ

[٧٢١] تِرئوْ تَقدِيْمُ رُڪْنُ جوْ چوْٿوْن تَڪَرارُ تَـهِينْ

[٧٢٢] پَنْجون تَاخِيرُ فَرْضُ جوْ تَان جِي ڪِئوْ ڪَهِينْ

[٧٢٣] سَجِداَ سَهْـوَ نَمَازَ جَا جَذِنْـہ ڏنـا تـوْ

[٧٢٤] تَذْنہ نِگْئوْ نُقصَانُ نَمَازَ ڪانْ جِيڪوْ مِهْسِ هوْءِ

[٧٢٥] سَجِدِي سَهْوَ سَهْوَ پُٺِ جَاٽَندِي سَهْوَ نَاهِ

[٧٢٦] جَاٽِي نُقْصَانُ جوْ ڪَرِي ڏوْهُ تِنہْ ڪِي آهِ

---

٧١٧. **ن.** وَڄِينَ وِنوانْدِ، **ق.** وَنجِينَ وِنْ وانْدِ. ٧١٨. **ن.** تَاپِي لَنْڪِي لَڪِيّ لَڪِي، **ق.** تاپِي لَنْڪِي لَڪِئُ. ٧١٩. **ن ق.** پنج ٿوڪِ. ٧٢٠. **ن ق.** "جِنْ... تِهجُو". ٧٢١. **ن ق.** تَهِمْ (=تَهِين). ٧٢٢. **ن ق.** پَنْجَا (=پنجون)... ڪَهِمْ (=ڪَهِين). ٧٢٣. **ن ق.** جَذِہْ ٧٢٤. **ن ق.** نَذِہْ، **ن ق.** مِهْسِ (=منجهس)

[٧٢٧] مَگَرَ بہَ ٽوڪَ آهِينِ اِهڙَا ٽوٽِي ڄَاڻِي ڪَرِي ڪوءِ
[٧٢٨] نہَ پُڻْ سَجِدَا سَهْوَ جَا سَارِي ڏِيندؤ سوءِ
[٧٢٩] هيڪُ ترْڪُ قَعْدؤ پِهرُو، ٻِئؤ سَجِدؤ جِي
[٧٣٠] ڪَرِي تَاخِيرُ تِنْهِ جؤ نہ سَجِدَا سَهْوَ ڏِي
[٧٣١] ٽِرِئؤ وَقتنِين سَاقِطُ ٿِيِي سَجِدِي سَهْوَ سُڃَاڻُ
[٧٣٢] پؤءِ سَلاَمَا سِڄُ اُڀِرَندِي، ڪِ سِڄُ اُلَٿؤ ڄَاڻُ
[٧٣٣] ٽِرِئؤ ڳَاڙهؤ جِئَن ٿِيِي سِڄُ اُلهَڻَ وِيرَ
[٧٣٤] تِنِ ٽِرِنْهِينْ ٽَراٽِينْ سَهو نہَ ڏِجِي مَگر هؤءِ سَوِيرَ
[٧٣٥] صُورَتَ سَجِدِي سَهْوَ جِي هِنَ پَرِ پَرُوڙِيجِ
[٧٣٦] جِنْءَ سَلاَمُ سَڄِي پَارَ ڏَانهَ ڏِيئِي سَجِدَا ڏِيجِ
[٧٣٧] تِهَانْ پؤءِ تَحِيَّاتَ سِين دُعا دُرُودُ پَڙهِيجِ
[٧٣٨] تانْپِي ٻِنهِي پَارَ ڏَانْهَ سَلاَمُ سَئؤن وَارِيجِ

---

٧٣١. **ن ق.** وقتِ (=وقتنين). ٧٣٢. **ن ق.** سلاما. ٧٣٤. **ن.** ٽرنِ ٽرانِ، **ق.** ٽرنِ ٽَرَانً. ٧٣٦. **ن.** ڏيئِيءَ سَجِدا، **ق.** ڏيئي بہَ سَجِدا. ٧٣٨. **ن ق.** ٻنِ (=ٻِني، ٻنهي).

[٧٣٩] حُڪمُ سَجدي سَهوَ جوٗ، هيڪ برابَرِ هوٗءِ
[٧٤٠] فَرضَ وَاجِبَ سُنَّتين، توڙي نَفلُ توٗءِ
[٧٤١] سَجدي سَهوَ هيڪڙي، توڙي وَاجِبَ گهٽا وَجَنِ
[٧٤١] [پَرَ جي نہ ڏنائين تنھ نَمازَ ۾ سَجدا سَندا سَھْوَنِ
[٧٤١] تہ واري پڙهڻُ نَمازَ جوٗ واجبُ ٿيا لِڪَنِ]
[٧٤٢] پَرَ جي وارجي نَمازَ سَا تہ چَنگِين اِي چوَنِ
[٧٤٣] سَجدي سَھْوَ اِمامَ کي جَڏِنھ کَا پيئي
[٧٤٤] تَڏِنھ ڏيندا مُقْتَدي سيٽَس سَيئي
[٧٤٥] ۽ سَھْوَ سَندي مُقْتَدِين اُتي نَاه اِمامَ
[٧٤٦] اُوءَ سَھْوَ ئي اِمامَ پُٺِ عَفُوَ کي عَلامَ
[٧٤٧] هَاٿي سِڪُ سيئي وَريَامَ، جي سُنَّتُون نَمازَ جيُون
[٧٤٨] سُنَّتُون جي نَمازَ جِيُون بُجهِجِ سي بَترِيہَ

---

٧٤٧. ن ق. وريام، ب-١. خوشنام.

[٧٤٩] تَني تُنۆ مُصۡطَفيٰ جنِ سَارِبُون سَبِ صَحيحَ

[٧٥٠] اَنَ اُنيءَ کَان هيکَڙِيُون مَنۡجهہ قِيَامَ کِجَنِ

[٧٥١] ٻِيُون اَنَ رُکُوعَ ۾، ٽِريُون سُجُودَنِ

[٧٥٢] چوٿِيُون اَنۡدَرِ قَعۡدي اُتِيُون عَالِمَنِ

[٧٥٣] هَاڻي هي ڳِڻِيجِ، کِجَنِ جي قِيَامَ ۾

[٧٥٤] ٻَئِي هَٿَ تَحرِيمَ کي کَنَنِ سِينءَ کَڻيجِ

[٧٥٥] نَاهِيَان هيٺِ نيئِي کَري سَاري سي ٻَڌِيجِ

[٧٥٦] ٻَجَهنِ جنۡه ٻَرِ هَٿَ ٻَئِي سَا ٻُڻۡ سکِي پَارِ

[٧٥٧] چِيٿَ آڱُونۆ جِيڻُو مَٿي ڏَائِي کَرائِي وَارِ

[٧٥٨] ٻِيُون بَاقِي ٽِري آڱُرِيُون، سي ٻُنِيَ هَٿَ ڳُڏَارِ

[٧٥٩] ۾ کُشَادَگِي پيرَنِ وِچِ کِجي آڱُرَ چَارِ

[٧٦٠] ٻَڌَڻُ ٻَئِي هَٿَ، اُرهہِ عَوراتُنِ کي

---

٧٤٩. ن. جنِ، ق. جَنِ، ن ق. سَبِ ٧٥٠ -٧٥١. ن ق. اَٿَّ. ٧٥٤. ن ق. هَٿَّ.
٧٥٧. ن ق. چِيٿَ. ٧٥٨. ن. آکُريُّ، اَنۡکُرِيُّ.

[٧٦١] كَٽَڻُ تَنِ كُلهَنِ سِينءَ سُنَّتَ ٿِئا سِيَت

[٧٦٢] ڪَجَنِ هَٿَ بَدَڪَ جِينءَ لاَڙي جِينءَ اوْلَنِ

[٧٦٣] جوْ آيَا مَاڳِ ٻَجهڻَ جي، توْ تَانپي تِت ٻَجهَنِ

[٧٦٤] مَگَر تَڪْبِيرُونْ عِيدَ جِيُون اُتي لاڙِجَنِ

[٧٦٥] ڏَائوْ هَٿُ هِيٺِ ڪَري جِيئُو مَٿِسِ جوْڙ

[٧٦٦] نَظَرُ پَنهجوْ پَانهجي مَاڳِ سَجِدي ڪوْڙ

[٧٦٧] پَنجُون پَڙُهه ثَنَاءَ کي سَاري سَچَ مَنجهَا

[٧٦٨] ڇَهُون آڻِ اَعُوْذُ تُون تَاٿِپي تَنهْ مَٿَا

[٧٦٩] سُنَّتَ سَنئِينْ قِيَامَ جي بِسْمِلَهْ پَلي جَا

[٧٧٠] اَنِين"آمِينَ" اِمَامَ سِين مَرْ مُقْتَدِي پُڻُ پَڙهَنِ سَا

[٧٧١] سَاري سِڪوْهُ سِي لِيکِيَان جي رُڪُوعَ جِيُون

[٧٧٢] اَنئِي اِي قِيَامَ جِيُون، پَسوْ پُنِيُون جي

---

٧٦١. ن. سَيَتَّ، ق. سَيَتّ. ٧٦٢. ن ق. جِيئَي،ن ق. اولَنِّ. ٧٦٧. ن ق. پَنجَا، ن ق. سَچَّ. ٧٧١. ن ق. سِڪُوهُ.

[۷۷۳] جَڏنھ جُنبي پَاڻَ، ڪَرِينْ رَاڀوَ رُڪُوعَ جوَ

[۷۷۴] تَڏِنھ چَئُہ تَڪبيرَ ڪِي سَارِي تُون سُجَانَ

[۷۷۵] نَئِي نِرْنا ڏِيجِ، مَٿِي مُوْنَنِ هَٿَڙَا

[۷۷۶] ڪَرِي ڪُشَادِيُون آڱُرِيُون مَحْڪُمَ پِرِ پُجِيجُ

[۷۷۷] پَرَ آڱُرِيُون عوَرَاتُنِ ڪِي اِينءَ مَ اُپِٽَائِيجِ

[۷۷۸] رَڪَنِ مَرْ لَگَبِ ڪَرِي، سَارِي سِيگَارِيجِ

[۷۷۹] بَاٿھُون سَارِي بَئِي سَيُون، مُونَا مَ مَوَڙِيجِ

[۷۸۰] پُورَوْ مَٿوَ پُٺِ سِين جوَڙَانْ جوَڙَ ڪَرِيجِ

[۷۸۱] مَ اُونچوَ جَھلِجِ اُنَ جيئَن، مَ رِڍَ جيئَن لاڙِيجِ

[۷۸۲] جِنءَ رَڪئوَ پَاٽِي نَہ رِڙھِي اِنَ پِرِ پُٺِ جَھلِيجِ

[۷۸۳] پَرَ پُنِيبُون عوَرَاتُنِ ڪِي اِينءَ مَ اَڏَائِيجِ

---

۷۷۷. **ن.** پَرْ، **ق.** پَرَ، **ن ق.** عوراتن. ۷۷۹. **ن.** بئِي سَيُّ، **ق.** بئِي سِي. ۷۸۱. **ن.** جَھلِيجُ، **ق.** جَھلِجِ. جِيئَي (=جيئن). ۷۸۲. جِنْ (=جئن)، **ن ق.** جَلِيجِ ("ج" جي زبرَ سان).

[۷۸۴] مَرُ نائِيُنِ ٿوُرَڙوُ ساري سَمُجهائِيج

[۷۸۵] ٽِري پيرا تَسْبِيحَ ڪِي ڳُجهوُ ئِي ڳَٽِيج

[۷۸۶] پَنجون پُنِيُون پيرَنِ جِيُون نَظَرُ نِهارِيج

[۷۸۷] تانپِي ڳِريا تَنِ جا رِيڙهِي ٻَئِي لائِيج

[۷۸۸] اِيَ پُڻُ آهِي اَڳَرِي سُنَّتَ ساجائِيج

[۷۸۸/۱] [پَرَ صَحِيُ قَوْلُ ڪِتابَ ۾ هِنَ پَرِ پَرُوڙِيج

[۷۸۸/۲] جِئَن لائَڻُ ڳِريا پانَ ۾ ڪَراهَتَ سَمُجهِيج

[۷۸۸/۳] سِي ٻَئِي حالَ رُڪُوعَ جِي، مُورا مَ جُوڙِيج

[۷۸۸/۴] چَئِينُ آڱُرِيَنِ جوُ فاصِلوُ ٻِنِ وِچِ رَکِيج

[۷۸۸/۵] قِيامَ ۽ سَجدِي ۾ پُڻُ اِيئَهِي پَرِ پارِيج]

[۷۸۹] ڇِهُون آڪِيُون پَڌَرِيُون، سَتَئِينُ قَومَ ڪَرِيج

[۷۹۰] پَرَ قَوما ٽِي سُجُودَ ڏانهه سَئِينءَ پُٺِ وِڃِيج

---

۷۸۴. ن. نائِيِنِ؛ ق. نائِيِنِ. ۷۸۶. ن ق. پَنْجَّا، ن. پُنِيون پيرنِ جيون، ق. پُنِيَ پيرَنِ جي. ۷۸۹ ن ق. سَتَّيءِ (=سَتّئين). ۷۹۰. ن. سَئِيَ.

[۷۹۱] مَنَان رُڪُوعُ ٻِئُو ٿِيي، نَائي پُٺِ مَ نيچ

[۷۹۲] جيڪِينْ ذِڪرُ جِتَهِينْ سو تِت پُڄَائيچ

[۷۹۳] هيڪَڙي جوُ هَنڌِ ٻيي نِيئي مَ رَسَاٽيچ

[۷۹۴] ۽ ڪَنَا سُجُودَ قِيَامَ ڏَانهَ جهْرَ وَجِينْ تُون

[۷۹۵] تِهْرَ رَکِي هَٿَ رَانُنِ اُتي اُتِجُ اُتانْ پُون

[۷۹۶] پَرَ جِنه کِي ضُعْفُ بَدَنَ جوُ ڪِ عُذْرُ پَرِيَائيءَ هوءِ

[۷۹۷] جِي سوُ رَکِي هَٿَ پَٺِ اُٿِيي تہ تِنْه کِي پُوُ نہ ڪوءِ

[۷۹۸] اَنُون جِينءَ اِمَامُ، سَارِي "سَمِعَ اللّٰهُ" کِي

[۷۹۹] تُرْتُ تَنهِجِيَ پُٺِ ۾ لائِجِ رَبَّ نَامُ

[۸۰۰] اَنئِي پُنِيُون اِي، لِيڪِيَمِ جِي رُڪُوعَ جِيُون

[۸۰۱] سُڻُ جَانْ سَارِيَان سي، سُنَّتُون جِي سُجُودَ جِيُون

[۸۰۲] جَڏِنهْ جُنْبِي تُون، ڪَرِين سَارَ سُجُودَ جِي

---

۷۹۲. ن ق. جِتَهِمْ. ۷۹۵. ن ق. پُنْ (=پُون). ۷۹۶. ن. پَر، ق. پَرَ. ۷۹۸. ن. اَتَا جِنْ، ق. اتَاجِنْ (=انان جئن). ۷۹۹. ن ق. لائج. ۸۰۱. ن ق. سُنْ.

[٨٠٣] تَڏِنهه چَئُو تَڪْبِيرَ ڪِي چوٿِي هِيئِن هِٿُون

[٨٠٤] تَڪْبِيرُون سَيِّئِي سُنَّتُون جي، پِھرِيَان پُڄَاڻِ

[٨٠٥] توٿِي تَڪْبِيرَ قُنُوْتَ جِي تہَ سَا پُڻْ سُنَّتَ ڄَاڻَ

[٨٠٦] سَارِي سَجِدوَ ڏِيجِ، سُپِيرَ سَتِيِنْ آگَرِيِنْ

[٨٠٧] مُنْهُ ۽ مُونَا پِيرَ هَٿَ سَتَنَئِي ڌَرَ ڌَرِيجِ

[٨٠٧] [پِرَ پُڻْ مُنهِ ۽ هَٿَنِ تَرِيِنْ زوُرُ زِيادَهَ ڏِيجِ]

[٨٠٨] جِيڪِيِنْ پَارَان پَٽَ جِي، سوَ پِھروُ پَٽِ رَکِيجِ

[٨٠٩] ۽ جِيڪِيِنْ آهِي اَپَ ڏَانْهَ اُو اَوَّلِ اُپارِيجِ

[٨١٠] اِيَ تَرتِيْبَ سَجِدِي سَندِي سِکِي صَحِيُ ڪَرِيجِ

[٨١١] تِرِئوُ جِنءَ پِيرا تِرِي، پُورا پَڙُهه تَسْبِيحَ تُون

---

٨٠٤. هيءَ سٽ ”ق“ نسخي ۾ ناهي **ب**-٢ ۾ بہ ڪانہ آهي. ٨٠٦. هيءَ سٽ ”ق“ نسخي ۾ ڪانہ آهي **ب**-٢ ۾ بہ ناهي. ٨٠٧. **ن**. هَٿَّ- **ن**. ڌَرُ، **ق**. ڌَرَ. هيءَ سٽ ”ق“ نسخي ۾ ڪانہ آهي ۽ ”ن“ ۾ بہ نہ آهي. ٨٠٨. **ن ق**. پَارَا. **ن**. پِھرو پَٽِ، **ق**. پِھرو پَٽَ. ٨٠٩. **ن ق**. اوَّلِ. ٨١٠. **ب**-١: اِيءُ تَرتِيب سَجِدِي سَندِي سِکِي يَادِ ڪَرِيجِ. ٨١١. **ق**. تِرئو پِيرا تِري جن.

[٨١٢] چۆتۆن چَوتنرِبُون نَکَ جِبُون آچِج اَکيَنِ کپي

[٨١٣] پَنْجون اُپَتِ اَکيِوُن دِرِچِي دَرْپُ کَرِي

[٨١٤] چِهُون جُوژِج جَلْسوٗ پُورِي پُٹِ کَرِي

[٨١٥] سَتُون سَارِي رَکُ، کَنَنِ کَنذِيءَ هَتَژَا

[٨١٦] جِيکِينْ کَرِي کَنِ کَان نَہ پُنِيءَ تَنِ پَرَکُ

[٨١٧] ۽ ٻَاڻهُون ٻَئِي پَتِ، لَڳو پِيٺُ رانُنِ سِين

[٨١٨] سَجِدوٗ سَندوٗ عَورَتيِنْ آهِي اِيهِيَ پَتِ

[٨١٩] پِيرَ پُٹْ پَنهجَا عوٗرَتُون اُپَا مَ کوٗژِبنِ

[٨٢٠] ۽ ٻَئِي هَٿَ سُجُودَ ۾ مُونا مَهنْدِ نَہ نِينِ

[٨٢١] مُژِسُ ٻَغَلَ سُجُودَ ۾ کَرِي کُشَادَا

[٨٢٢] ۽ عَوْرَتَ اِنهِين حَالَ ۾ رَکِي مَرْ لَڳَا

---

٨١٢. چُوتِريَ، ق. چُوتِرِبُو (=چونتريون)، ب-١، چونتِيُون. ٨١٣. ن. پَنجًا، ق پَنجًا، ند. دربِ کَري. ٨١٤. ن ق. چَهُمْ جوژِج. ٨١٥. ن ق. سَتَّـا. ٨١٦. ن. کَري، ق. کِري. ٨١٧. ن. پَتِ، ق. پُٹِ (=پُنِ). ٨٢٠. ن ق. مُونا مَهدِ. ٨٢٢. ن ق. اِنهَمْ.

[٨٢٣] پَرَ مُڙسُ وَقْتَ سَجدِي، جي مَنجهہ جَمَاعَتَ هوءِ

[٨٢٤] نَہ مَنَان ضَرَرُ ڪِنْه رَسِي مَرْ سوۡڙَهَا ڪَرِي سوءِ

[٨٢٥] ڏِجِي سَجدوَ پانْهِجِي پَنجَنِ گرَانِنِ مِي

[٨٢٦] ۽ مُصَلوَ پُورِبُون تِرِي نَرِبُون ڪَمِ نَہ ڪِيِنْ ڪِجِي

[٨٢٦/١] [پَرَ صَحِيُ قَوْلُ ڪِتَابَ ۾ انَ پَرِ تَوَ لِکِي

[٨٢٦/٢] نَہ سَجدوَ اِيتَرِي قَدْرَ ۾ ڊِگهاڙِي ڏِجِي

[٨٢٦/٣] جِئَن نَرِي شَخْصَ سَاجِدَ جي وَجِي سَئِنْ تِبِي

[٨٢٦/٤] مُونا رَانُون تَهِينْ سَنْدَا اينءَ اَلفَ جِينءَ اُپِبِي

[٨٢٦/٥] نَہ دُڏا وَجَنسِ مَهندَ ڏُونْه، نَہ مُونوَ مَهَنْدِ وَجِي

[٨٢٦/٦] تُوٽِي تِبِي پَنجَنِ گرَانُنِ ۾ ڪِ ڪَمِ زِيَادَه وِڏِي]

---

٨٢٣. ن. پَرْ، ق. پَرَ. ٨٢٥. ن. پَنــج گِراتِنِ، پَنــج گِراتَنِ. ٨٢٦. ن. مـصلوً، ق. مصلوّ. ٨٢٦/١ -٨٢٦/٦ اهي ستون ن ۾ موجود ناهن، ق ۾ ڏنل آهن. ٨٢٦/٦. ق. پَنجِ، ق. "وَڏي" (=وِڏي)، لکت اهڙي آهي جو "وَرِي" پڙهڻي بہ ٿي سگهي ٿي. ٨٢٦/١ -٨٢٦/٦ اهي ڇهہ ستون مخدوم محمد هاشم رح طرفان اضافو آهن ۽ جيئن ق ۾ لکيل آهن تيئن ئي رکيون ويون آهن.

[٨٢٧] اَنَئِينْ آگُرِبَنِ جي آهي هِيَ پچَارَ

[٨٢٨] تَہ ڪجَنِ قِبلِي سَامُهَا نِرتَا نَہَ نِبَارَ

[٨٢٩] اِي پُڻْ اَنَئِي بُجهُہ، سُنَّتُون جي سُجُودَ جُون

[٨٣٠] تَانْپِي سي سَمُجُهہ، جي ڪجَنِ اَندَرِ قَعْدِي

[٨٣١] پِهرؤ پَٽَرِي پِيِرُ تُون ڏَائؤ ڏِيگارِبِجِ

[٨٣٢] پؤءِ جيِٽو جُڙِئو مَاڳِهِين اَصُلِ اُپِيَارِبِجِ

[٨٣٣] ۽ بَهَرِ بَئِي پِيِرَ سَيَتِ سَجِي پَارَ ڏَانْہَ

[٨٣٤] آهي عَورَاتِنِ کي ڪَدَئُ قَعْدِي وِيرَ

[٨٣٥] مُڙِسُ رَانُو قُعُودَ ۾ ڪُشَادِيُون ڪَرِي

[٨٣٦] ۽ عَورَتَ اُرُونْ پَانْهِجَا لاَئِي لَڳِ ڏَرِي

[٨٣٧] تِرِئؤ پُڻْ تَانْپِي هَٿَ بَئِي رَانُنِ سِرِ رَکِيجِ

---

٨٢٨. ن. نَہْ، ق. نُہْ. ٨٣٢. ن. جَرؤُ مَاگِهِمْ، ق. جُرؤُ مَاڪِهِمْ. ٨٣٣. ن ق. بَهرِ. ن. سَيَتْ، ق. سَيَتِ. ٨٣٦. ن ق. اُرُّ (=اُرُون)، ن. پاهِجَا، ق. پانهِجَا.

[٨٣٨] چوٽُون مُهاڙ مڙنِ آڱرِيِنْ قبلي پارِ ڪريج

[٨٣٩] پرَ مُونَنِ ڪَنڌيَ مُڙسُ رکي هٿين آڱرُيون

[٨٤٠] ۽ عَورتَ اوڏِيُون پيٽَ ڪِي ڪَري ڪرايُون

[٨٤١] رِهاءِ نہ اِمامتَ عورتَ جي ڪارڻِ مُڙسارُنِ

[٨٤٢] ۽ ڪرڻُ جماعتَ پاڻَ ۾ پُڻْ مَڪرُوهُ آهي اُنِ

[٨٤٣] جي ڪَنِ جماعتَ پاڻَ ۾ تہ اِمامَ اِنِ سندي

[٨٤٤] اُپِيندي اِنِ وِچَ ۾ فَرقُ ڪونہ ڪندي

[٨٤٥] ۽ اِمامُ اُگهارَنِ جو اُوْ پُڻْ وِچِ جُڳاءِ

[٨٤٦] توٽي اُپِي پاڙهي نمازَ سا توٽي وِيهي پڙهاءِ

